ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) چنڇر 13 جون 2026 ع 27 ذوالحج 1447ھ صفحا 08 - ملهه 30 ويهه شمارو (297)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Saturday 13th June 2026

وفاق ۽ صوبن ۾ هم آهنگي سان سمورن چئلينجز تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو، معيشت اڄ مضبوط آهي: وزيراعظم

موجوده حڪومت جي ٽئين بجيٽ سان معيشت جو ڦيٿو تيزي سان هلڻ شروع ٿي ويندو، عوام جنهن صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪيو ۽ مهانگائي برداشت ڪئي ان تي پاڪستان جي 24 ڪروڙ عوام جا ٿورا ادا ڪريان ٿو

آءِ ايم ايف پاڪستان جي معاشي ڪارڪردگي ۽ اسان جي ڪوششن کي ساراهيو آهي، خوشحالي قوم جو مقدر آهي، پاليسي ريٽ ۾ 22.5 سيڪڙو کان گهٽ ٿي 11 سيڪڙو تي آيو

ٻهرين ھن بجيٽن ۾ ملڪ ۽ آءِ ايم ايف جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي ۽ ملڪي ترقي جا رستا کولڻ جي لاءِ ڪيترن ئي سالن کان لوڏا کائيندڙ معيشت کي مستحڪم ڪرڻ جي لاءِ ٽيڪسز لڳائڻا پيا

اسان کي عام ماڻهو جي مشڪلاتن جو چڱي طرح اندازو آهي، گذريل 2 سالن دوران حڪومتي ڪوششن سان مهانگائي جي شرح 38 سيڪڙو کان گهٽ ٿي هڪ انگ تي اچي وئي

چين جي تازي دوري ۾ سي پيڪ فيز 2.0 تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ٿي، ٻنهي طرفن کان چٽن نقطن تي پرپورو ڌيان ڏيڻ تي اتفاق ٿيو، پيپلزپارٽي، بي اي پي، نيشنل پارٽي، ايم ڪيو ايم جو ٿورائتو آهيان

حڪومتي قدمن جي ڪري خوشحالي قوم جو مقدر هوندي، هن ڪابينا کي پنهنجي چين جي تازي دوري تي پڻ اعتماد ۾ ورتو ۽ ٻڌايو ته چين جي تازي دوري ۾ سي پيڪ فيز 2.0 تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته سمورن چئلينجز جو مقابلو ڪرڻ جي باوجود معيشت اڄ مستحڪم آهي. موجوده حڪومت جي ٽئين بجيٽ سان معيشت جو ڦيٿو تيزي سان هلڻ شروع ٿي ويندو، عوام جنهن صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪيو ۽ مهانگائي برداشت ڪئي ان تي پاڪستان جي 24 ڪروڙ عوام جا ٿورا ادا ڪريان ٿو ۽ وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ هم آهنگي سان سمورن چئلينجز تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو. آءِ ايم ايف پاڪستان جي معاشي ڪارڪردگي ۽ اسان جي ڪوششن کي ساراهيو آهي، خوشحالي قوم جو مقدر آهي. وزيراعظم محمد شهباز شريف اهڙن خيالن جو اظهار جمعي ڏينهن وفاقي ڪابينا جي خصوصي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. وزيراعظم ڪابينا کي ٻڌايو ته هن گذريل ڏينهن هيليڪاپٽر حادثي ۾ شهيد ٿيندڙ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت پاران ايندڙ مالي سال 27 — 2026ع لاءِ 18771 ارب رپين جي مجموعي کاٽي جي وفاقي بجيٽ قومي اسيمبلي ۾ پيش

ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن ۾ 7 سيڪڙو اضافو | پگهاردار طبقي لاءِ ٽيڪس شرح ۾ گهٽتائي ۽ سرچارج جو خاتمو | ننڍن دڪاندارن تي فڪسڊ ٽيڪس، هر دڪاندار کان 25 هزار رپيا وٺبا | ترقياتي پروگرام جو ماپو هڪ هزار ارب ۽ ملڪي دفاع لاءِ 3 هزار ارب رپيا | بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي لاءِ 838 ارب رپيا رکيا ويا | 15 ڪروڙ کان 50 ڪروڙ رپين جي آمدني تي لاڳو سپر ٽيڪس مڪمل طور ختم

اقتصادي ترقي، ٽيڪس رليف، گهٽ آمدني وارن طبقن، مهانگائي تي ضابطو آڻڻ، هائوسنگ ۽ اڏاوتن، زراعت ۽ صنعت سميت مختلف شعبن جي لاءِ مراعتن تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي، ايف بي آر جي اوڳاڙين جو ٽارگيٽ 15464 ارب رپيا رکيو ويو آهي

هائوسنگ ۽ زراعت سميت قومي معيشت جي مختلف شعبن لاءِ خصوصي مراعتن جو اعلان، مسلسل ٻه سال نئين بلڊنگن کي ڇوٽ رهندي. گذريل مالي سال جي 38 ارب ڊالر جي پيٽ ۾ هن مالي سال جي پهرين 11 مهينن ۾ مناسبا جي ناٽي جو ماپو 38 ارب ڊالر تائين پهچي ويو

اتحادي پارٽين جي قيادت خاص طور تي مياں محمد نواز شريف، بلاول ڀٽو زرداري، خالد مقبول صديقي، چوڌري شجاعت حسين، عبدالعليم خان ۽ خالد حسين مگسي جي رهنمائي جي لاءِ دل جي گهرائين سان ٿورا ادا ڪريان ٿو: ناڻي وارو وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب

هي بجيٽ اهڙي موقعي تي پيش ڪري رهيو آهيان جڏهن پاڪستان پنهنجي عوام ۽ دنيا جي نظر ۾ هڪ اهڙي ملڪ جي حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي جنهن جو آواز ٻڌو وڃي ٿو ۽ جنهن جي دوستي جي خواهش ڪئي وڃي، اها تبديلي اتفاقي ناهي آئي، ان جي شروعات گذريل سال مئي ۾ ٿيو

پاڪستان پنهنجي عوام ۽ دنيا جي نظر ۾ هڪ اهڙي ملڪ جي حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي جنهن جو آواز ٻڌو وڃي ٿو ۽ جنهن جي دوستي جي خواهش ڪئي وڃي، اها تبديلي اتفاقي ناهي آئي، ان جي شروعات گذريل سال مئي ۾ ٿيو جڏهن ڀارتي جارحيت کي پاڪستان پاران هڪ اهڙو جواب مليو

اسان جي هٿياربند فوج دشمن کي اهڙو منهن ٽوڙ جواب ڏنو جو هو ڪجهه ڪلاڪن ۾ ئي امن جي ڳالهه ڪرڻ تي مجبور ٿيو، اها ڪاميابي ڏهاڪن تائين پيشيوارانه تربيت ۽ تياري جو نتيجو هئي، اسان جي قومي تاريخ جو هڪ روشن باب آهي، اڄ دنيا پاڪستاني دفاعي قوت جي شيدائي بڻيل آهي

نوجوان ڪنهن به ملڪ جو سڀ کان قيمتي اثاثو آهن، اسان جي قومي آباديءَ جو 67 سيڪڙو 30 سال کان گهٽ عمر جي آبادي تي ٻڌل آهي، اسان جا نوجوان همت عزم ۽ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي جذبي سان سرشار آهن، وزيراعظم شهباز شريف جو عزم آهي ته هر پاڪستاني نوجوان کي اهو هنر اها تربيت ۽ اهو موقعو ملڻ گهرجي

ايڪسپورٽ فنانس اسڪيم تحت مارڪ اپ جي شرح 19 سيڪڙو مان گهٽ ڪري 4.5 سيڪڙو ڪئي وئي، روانگي واپار ۾ سهولت فراهم ڪرڻ جي اسڪيم تحت سهولت جو مدو 9 مهينن مان وڌائي 18 مهينا ڪيو ويو ته جيئن روانگي واپارين کي ڪيش فلو جي مسئلي کي منهن ڏيڻو نه پوي

اڄوڪو ڏينهن اسان جي عسڪري قيادت خاص طور تي فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جا به ٿورا ادا ڪرڻ چاهيان ٿو جنهن جي قيادت ملڪ جي دفاع کي فتح نه ٿيڻ جوڳو بڻائي ڇڏيو آهي. آئون پنهنجي اتحادي پارٽين جو ٿورائتو آهيان جن جي حمايت اسان کي هر مشڪل موقعي تي حاصل رهي: قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي حڪومت ايندڙ مالي سال 27 — 2026ع جي لاءِ 18771 ارب رپين جي مجموعي کاٽي جي وفاقي بجيٽ قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪري ڇڏي آهي. ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن ۾ 07 سيڪڙو اضافو تجويز ڪندي پگهاردار طبقي جي لاءِ ٽيڪس شرح ۾ گهٽتائي ۽ سرچارج جو خاتمو ڪندي گهٽ ۾ ويو آهي. جڏهن ته ننڍن دڪاندارن تي پگهار ۾ 10 سيڪڙو اضافو تجويز ڪيو فڪسڊ ٽيڪس سسٽم لاڳو ڪندي هر دڪاندار کان 25 هزار رپيا وٺڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. اقتصادي ترقي، ٽيڪس رليف، گهٽ آمدني وارن طبقن، مهانگائي تي ضابطو آڻڻ، هائوسنگ ۽ اڏاوتن، زراعت

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

وفاقي بجيٽ ۾ اسٽيبلشمينٽ ڊويزن لاءِ 9 ارب 39 ڪروڙ روپيه مختص ڪرڻ جي تجويز

اسٽيبلشمينٽ ڊويزن جي مرڪزي سيڪريٽريٽ جي روزمره جي انتظامي معاملن پگهارن ۽ ٻين خرچن لاءِ 6 ارب 89 ڪروڙ 80 لک روپيه مختص

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي حڪومت، وفاقي بيوروڪريسي، آفيسرن جي بدلين ۽ مقررين ۽ سرڪاري ملازمن جي انتظامي معاملن جي نگران اداري اسٽيبلشمينٽ ڊويزن ۽ ان جي ماتحت ادارن لاءِ مالي سال 27-

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

متحده قومي موومينٽ حڪومت جي اهم اتحادي آهي: وزيراعظم

ملاقات ۾ نئين وفاقي بجيٽ ۽ ملڪ جي مجموعي سياسي صورتحال تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته متحده قومي موومينٽ حڪومت جي هڪ اهم اتحادي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاليسي ريٽ 22 سيڪڙو کان گهٽ ٿي 11.5 سيڪڙو، پرڏيهي مٽا سٽا جي ناڻي جي ذخيرن ۽ ناڻي واڌ ۾ رڪارڊ اضافو

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني معيشت جي اوسر واري شرح 3.7 سيڪڙو تائين پهچي وئي

وڏين صنعتن جي اوسر واري شرح 6.1 سيڪڙو، خدمتن جي شعبي جي اوسر واري شرح 4.1 سيڪڙو رهي

اسلام آباد (اي پي پي) حڪومت مالي سال

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

پاڪستان آڊٽ اينڊ اڪائونٽس اڪيڊمي جي مختلف منصوبن لاءِ 756.666 ملين روپيا رکيا ويا

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي حڪومت، ايندڙ مالي سال 27-2026ع جي سرڪاري

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

بي ايس ڊي پي تحت قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق ڊويزن جي منصوبن لاءِ 4183 ملين روپيا مختص

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي حڪومت

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وفاقي گادي واري هنڌ قومي اسيمبلي ۾ وفاقي بجيٽ 2026-27 جي ڪارروائي دوران امن امان برقرار رکڻ لاءِ سيڪيورٽي اهلڪار الرٽ بيٺا آهن

ٻارن کان پورهيئي جو خاتمو ۽ تعليم جو فروغ سڀني جي گڏيل ذميواري آهي: اويس قادر شاهه

هر ٻار کي تعليم، تحفظ ۽ ترقي جا برابر موقعا ملڻ مهذب ۽ ترقي يافته سماج جي سڃاڻپ آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٻارن کان پورهيئي خلاف عالمي ڏينهن جي موقعي تي سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ امن امان جي بهتر بڻائڻ لاءِ پوليس مسلسل قدم کڻي رهي آهي: جاويد عالم اوڍو

آءِ جي طرفان اليڪٽرانڪ ميڊيا چينلز جي بيورو چيفس جي اعزاز ۾ ڊنر جو اهتمام ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) آءِ جي سنڌ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت دل جي مريضن کي وقت سر ۽ بهترين علاج فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي: وڏو وزير

سيد مراد علي شاهه اين آءِ سي وي ڊي ۽ ايڇ ايس ايم ايس ملير جي وچ ۾ مفاهمتي ياداشت تي صحيحون ڪيون

حسن سليمان ميموريل اسپتال دل جي مريضن جي هنگامي علاج کان پوءِ جي نگهداشت جون خدمتون فراهم ڪندو

اين آءِ سي وي ڊي دل جي مفت علاج ذريعي لکين ماڻهن لاءِ اميد جي علامت بڻجي چڪو آهي: مراد علي شاهه

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيووسڪولر ڊيزيز

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2



حيدرآباد: حيدرآباد چيمبر آف ڪامرس جا ميمبر وفاقي بجيٽ 2026-27 سيشن ڏسندي



ڪراچي: وفاقي وزير محمد اورنگزيب قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ بجيٽ پيش ڪندي

گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس وفاقي بجيٽ کي عوام دشمن قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيو

آءِ ايم ايف جي سخت شرطن سبب حڪومت عوام تي وڌيڪ ٽيڪسن ۽ مهانگائي جو بار رکيو آهي: اڳواڻ

موجوده بجيٽ کي فوري طور تي واپس وٺي عوام دوست، ترقياتي نئين بجيٽ پيش ڪيو وڃي: مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر صفدر عباسي وفاقي بجيٽ کي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

بجيٽ اجلاس ۾ ايم اين اي رسول بخش چانڊيو پاران بدين ضلعي ۾ پاڻي کوٽ خلاف احتجاج

قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ پيپلزپارٽي ميمبر ڊيسڪ تي چڙهي بينر کڻي احتجاج ڪيو

ضلعي ۾ مال مرڻ شروع ٿي ويو آهي، پيئڻ جو پاڻي نه آهي، پنهنجي حصي جو پاڻي ڏنو وڃي: مطالبو

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي بجيٽ اجلاس ۾ بدين مان چونڊيل پاڪستان پيپلزپارٽي جي ميمبر حاجي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

اڳوڻو سينيٽر تاج آفريدي موٽر وي ايم ون تي روڊ حادثي ۾ فوت

تاج آفريدي پنهنجي جيپ ۾ اسلام آباد کان پشاور وڃي رهيو هو

ڪرنل شير خان ايڪسچينج ويجهو گاڏي کي حادثو پيش آيو: پوليس

اسلام آباد/ پشاور (اي پي پي) اڳوڻو سينيٽر تاج آفريدي موٽر وي ايم ون تي ڪرنل شير خان انٽر چينج ويجهو روڊ حادثي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ اڄ ۽ سڀاڻي مٽيءَ طوفان سان گڏ هلڪي برسات پوڻ جي اڳڪٿي

پي ڊي ايم اي صوبي ۾ گرمي جي شدت ۾ لاٽ ۽ برسات بابت الرٽ جاري ڪري ڇڏيو

مختلف ضلعن ۾ تيز طوفان سان گڏ برسات پوندي، شهري احتياطي تدبيرون اختيار ڪن: هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي ڊزاسٽر

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: ايم اين اي رسول بخش چانڊيو قومي اسيمبلي ۾ احتجاج ڪندي



اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿي رهيو آهي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ 7 ڄڻا فوت، ٽن عورتن سميت 8 زخمي

پاڪ ڪالوني پراڻا گوليمار ويجهو گهر مان 28 سالن جي اشفاق جو ڦاهو لڳل لاش هٿ آيو، جاچ شروع

ڪلفٽن ۾ واقع جبار بلڊنگ ۾ 17 سالن جي مير اسلم ولد مير عبدالله خودڪشي ڪري ڇڏي

اسٽيل مل چورنگي نيشنل هاءِ وي تي نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار احمد ولد شاهنواز فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 7 ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته 3 عورتن سميت 8 ڄڻا ٻيا زخمي ٿي پيا. پاڪ ڪالوني ٿاڻي جي حد پراڻا گوليمار ويجهو ڊاڪخانا

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

بجيٽ تقرير دوران مخالف ڌر جو احتجاج، ”صوبن جي حقن تي ڌاڙو ۽ آءِ ايم ايف بجيٽ نامنظور“ جا نعرا

بجيٽ تقرير شروع ٿيڻ کان اڳ ئي پي ٽي آءِ جا ميمبر مختلف پوسٽر کڻي قومي اسيمبلي ۾ داخل ٿيا

احتجاج ڪندڙ ميمبرن پنهنجن هٿن ۾ ”صوبن جي حقن جو خاتمو نامنظور“ ۽ ”آءِ ايم ايف جي بجيٽ نامنظور“ جا بلي ڪارڊ پڻ ڪنيل هئا

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) قومي اسيمبلي ۾ وفاقي ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب جي بجيٽ تقرير دوران اپوزيشن جماعتن جو احتجاج جاري آهي پي ٽي آءِ ميمبرن مسلسل نعريبازي ڪندي ايوان ۾

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم ايندڙ مالي سال 27 – 2026ع جي وفاقي بجيٽ جي دستاويزن تي صحيحون ڪري ڇڏيون

بجيٽ ۾ پاڪستان جي عظيم قوم جي ڀلائي کي اولين ترجيح ڏني وئي آهي: وزيراعظم محمد شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ايندڙ مالي سال 27 – 2026ع جي وفاقي بجيٽ جي دستاويزن تي صحيحون ڪري ڇڏيون ان موقعي تي ناڻي وارو وفاقي وزير سينيٽر محمد

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف پارليامينٽ هائوس ۾ وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ منظوري کانپوءِ بجيٽ دستاويزن تي دستخط ڪندي

ايف بي آر ۾ سڌارن سبب ٽن سالن ۾ ٽيڪس وصولين ٻيڻيون ٿي ويون


اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي حڪومت طرفان ايف بي آر ۾ جاري سڌارن جا هاڪاري نتيجا سامهون اچڻ شروع ٿي ويا

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سينيٽ اجلاس سومر ڏينهن منجهند ساڍي 12 وڳي تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ اجلاس سومر ڏينهن منجهند ساڍي 12 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو. جمعي ڏينهن سينيٽ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: صدر آصف پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائنز ڪارپوريشن بل تي صحيح ڪندي

حقيقي ترقي ان وقت ئي ممڪن آهي جڏهن ٻارن جا حق محفوظ هجن: بلاول ڀٽو

ٻارن کان پورهيئي جي خاتمي لاءِ قومي ۽ عالمي سطح تي اڻٿڪ قدم کڻڻ جي ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ٻارن کان پورهيئي جي خاتمي جي عالمي ڏينهن

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت جو ٻارن کان پورهيئي جي خاتمي لاءِ عزم اٽل آهي: مراد علي شاهه

صوبائي حڪومت پاران چائلڊ ليبر جي خاتمي لاءِ مؤثر قانونسازي ڪئي وئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٻارن کان پورهيئي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير واقعي جو سخت نوٽيس ورتو ايس ايس پي سينٽرل کان فوري رپورٽ طلب

ڪراچي ۾ خانگي بينڪ ڏانهن رقم منتقل ڪندڙ ڪيش وين مان 30 ڪروڙ رپين جي ڦرلٽ، جاچ شروع

طارق روڊ کان هڪ خانگي بينڪ ڏانهن ويندڙ ڪيش وين جي عملو رستي ۾ رضوان پارڪ ويجهو چانهه پيئڻ لاءِ رڪيو

چار هٿياربند جوابدارن رقم سميت وين کاهي فرار ٿي ويا ۽ رقم جا ٿيلها ٻي گاڏي ۾ منتقل ڪيا

ابتدائي جاچ ۾ سيڪيورٽي ڪمپني جي چيف ڪريو واجد تي به شڪ ظاهر، واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ڊسٽرڪٽ سينٽرل فيڊرل بي ايريا ۾ 30 ڪروڙ رپين جي سينا ڪيش وين ڦر جو واقعو پيش آيو آهي. جنهن بعد پوليس فوري طور تي موقعي تي پهچي جاچ

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: قومي اسيمبلي جي بجيٽ اجلاس ۾ شرڪت لاءِ ميمبر اچي رهيا آهن



سال (18) چنڇر 13 جون 2026 ع 27 ذوالحج 1447ھ صفحا 08 - ملهه 30 ويهه شمارو (260) Daily Ibrat Karachi

بقايا اشتهار اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقہ گهوڙا باري

96	پيارو ولد حاجي جعفر چانڊيو	سڄو روپيو	18 26 27 3 نمبر	36-05 27-04 07-03 ٽوٽل 13-30	02 الف 1985/86
97	جنگو ولد فيض داد چانڊيو	سڄو روپيو	116/2 121/2ABC 122/4CD 137/1 136/2 5 چوڪڙيون	13-01 03-00 02-00 01-30 02-25 ٽوٽل 11-38	84 1994-07-07
98	جمع ولد بچو چانڊيو	سڄو روپيو	4 5 2 نمبر	05-03 01-02 ٽوٽل 05-06	05 الف
99	محمد مراد ولد الهڏنو يارو ولد بچو	00-50 پئسہ 00-50 پئسہ سڄو	8	ٽوٽل 01-36	10 الف 86-1985
100	غلام حيدر ولد امير بخش لاشاري 41401-1807893-1	سڄو روپيو	41/1CD 41/2CD 41/3 3 نمبر	00-02 00-02 00-04 ٽوٽل 08-00	40 ب 2006-3-31
101	رشيد احمد ولد خان محمد لاشاري 41401-0373811-1 نور محمد ولد خان محمد 41401-1724099-5 دوست علي ولد خان محمد 41401-8640366-7 وقار احمد ولد نور احمد لاشاري 41401-3382740 9	00-29.17 00-29.17 00-29.16 00-12 ½ سڄو	128/2CD 128/1 128/3 128/4AB 127/1CD 127/2D 127/4AB 7 نمبر حصي موجب	00-02 10-02 00-04 38-01 00-02 00-01 10-02 ٽوٽل 15-18 1-37 ¼	20 ب 2019-12-17 35 ب 2026-3-31 31 ب 2024-7-30 25 ب 2021-07-28
102	پيارو ولد حاجي جعفر چانڊيو محمد رفيق ولد لال خان چانڊيو	00-50 پئسہ 00-50 پئسہ سڄو	24	ٽوٽل 04-05	04 الف 19/86

اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقہ گهوڙا باري

INF/KRY- 2404/26

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

NATIONAL GRID COMPANY OF PAKISTAN LIMITED (NGC)

INVITATION FOR BIDS

1. National Grid Company of Pakistan (NGC) [Formerly NTDC] (NTDC) "the Employer", respon-sible for development and control of power transmission system in the country, invites sealed bids through "Single Stage Single Envelope Procedure" on National Competitive Bidding (NCB) basis from eligible firms as defined under IB-3 of Instructions to Bidders of the Bidding Docu-ments, registered with Income Tax and Sales Tax Departments and who are on Active Taxpay-ers List of the Federal Board of Revenue (if applicable) for following scope of work:-

   Scope of Work — For the Maintenance/ Refurbishment of Cooling Fans Work of 160 MVA 220/132 kV Auto Transformer Bank (02 Nos.) at 220 kV Grid Station Dhabeji Special Economic Zone

2. Bidding Documents, containing detailed terms and conditions, etc. are available at Office of the **Executive Engineer, TLC Division, EHV-II, NGC of Pakistan Bungalow No. B-2 NTPS Colony, T.M Khan Road, Site Area, Hyderabad | Telephone No. 0335-7401970**

   Price of the Bidding Documents is PKR 5,000 (Pak Rupees five thousand only) non-refundable. The method of payment for purchase of Bidding Documents will be in the form of pay order, bank draft or banker's/cashier's cheque in favor of Executive Engineer, TLC Division EHV-II.
3. The bidder should have experience of at least 01 similar nature of works of transformer at 132 kV or above voltage level Grid Stations along with documentary evidence for which the contrac-tor/bidder will submit completion certificates for the issuance of bidding documents
4. All Bids must be accompanied by a Bid Security in an amount not less than PKR 80,000/- of the Total Bid Price in format prescribed in the Bidding Documents.
5. **ELIGIBILITY & SALE OF TENDER**
   A. Income Tax clearance certificate & return filed with Income Tax Department for financial year 2024-2025.
   B. Registered with Income Tax and Provisional Sales Tax Departments and who are on Active Tax payers List of the Federal Board of Revenue and registered with PEC in appropriate category as per NTDC specifications and renewed / valid up to date in the relevant category with original certificate. (Details, types and quantities mentioned in the bidding document).
   C. A complete set of Bidding documents, in English Language, can be purchased by interested bidder during office hours from o/o Executive Engineer TLC Division EHV-II NGC Hyderabad from the date of publication of NIT on or before one day of opening of tender upon the submission of written request to the Office of Executive Engineer TLC Division EHV-II NGC Hyderabad
   D. Bidding document will be issued only to the proprietor of firm or his legally Authorized representative with CNIC (In original).
   E. All the Govt. taxes (Federal / Provincial) will be applicable as per relevant Govt. Notifications.
6. **CONDITIONS**
   A. NGC/NTDC will award the contract to the lowest evaluated and technically responsive bidder on overall basis.
   B. The NGC/NTDC / Employer have the right to reject all bids as per PPRA Rule # 33 (1) of of Public Procurement Rules 2004.
   C. Each page of the bidding documents / drawings shall be signed and stamped by the bidder.
7. The Bids prepared in accordance with the instructions in the Bidding Documents must reach at B-2, NTPS Colony T.M Khan Road, S.I.T.E Area Hyderabad - Pakistan on or before **10:00 hours**, Pakistan Standard Time **June 29th, 2026.** The Technical Bids will be opened the same day at **11:30 hours** in the same Room. This advertisement is also available on PPRA website at www.ppra.org.pk

PID(L) 3457/25

Executive Engineer, TLC Division,

EHV-II NGC of Pakistan Hyderabad | Mob. No. 0335-7401970 | E-Mail: xentlc.ehv2@ntdc.com.pk

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

بجيٽ ۾ عام ماڻهوءَ کي ڪيترو رليف آهي؟ — صفحو 4

سرمد منصور — وفاقي بجيٽ 2026.27: معاشي استحڪام جون دعوائون، عوامي اميدون ۽ زميني حقيقتون — صفحو 4

معاشري ۾ اصلاح جو جذبو پيدا ڪريو! — مير قائم خان ٽالپر — صفحو 4

مختيار انڙ — اڄوڪو ڏينهن — 13 جُون — صفحو 4

مانجهند تعلقي کي گئس ۽ ٻين سهولتون نہ ملڻ خلاف 2 ڪلوميٽر پيادل مارچ، ڌرڻو

قدرتي وسيلا جدوجهد ڪميٽي جي سڏ تي مختلف سياسي پارٽين جي اڳواڻي پيادل مارچ ڪري ڌرڻو هنيو

علي آباد ۽ انڙپور مان وڏي مقدار ۾ گئس نڪتي آهي پر مانجهند جي ڪنهن بہ علائقي کي گئس نہ ملي سگهي آهي: اڳواڻ

جديد دور ۾ عورتون ڇيڻا ٻارڻ تي مجبور آهن مقامي نوجوانن کي روزگار ڏيڻ بجاءِ ڌارين جي لوڏ ڀرتي ڪئي وئي آهي



مانجهند گئس ۽ ٻين سهولتون نہ ملڻ خلاف پيادل مارچ ڪرڻ بعد هنيل ڌرڻي جو ڏيک

مانجهند(ن ع) مانجهند تعلقي کي گئس ۽ ٻين سهولتون نہ ملڻ خلاف قدرتي وسيلا جدوجهد ڪميٽي جي سڏ تي ايس يو پي مرڪزي اڳواڻ جونيئر سائين جي ايم سيد خدا بخش ٿيٻو جي يو آءِ اڳواڻ مولوي سڏير احمد رند جسقم جي گلشير ڪوسو ايس ٽي پي جي غلام مصطفيٰ ڪوسو جي اڳواڻي ۾ علي آباد انڊس هاءِ وي کان 2 ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪري ٽنهڻ اس ۾ يو اي پي گئس ڪمپني جي گيٽ آڏو 3 روزہ ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ علي آباد ۽ انڙپور مان وڏي مقدار ۾ گئس نڪتي آهي پر مانجهند جي ڪنهن بہ علائقي کي گئس نہ ملي سگهي آهي جنهن سبب جديد دور ۾ عورتون ڇيڻا ٻارڻ تي مجبور آهن مقامي نوجوانن کي روزگار ڏيڻ بجاءِ ڌارين جي لوڏ ڀرتي ڪئي وئي علائقي جي ترقي تي سماجي فنڊ مان هڪ روپيو بہ خرچ نہ ڪيو وڃي جڏهن تہ زمين مالڪن کي معاوضو نہ ملي سگهيو آهي جنهن خلاف جدوجهد کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو

سنڌ جي اينٽي ڪرپشن کاتي 84 مرد ۽ خواتين آفيسرن جي ٽريننگ مڪمل

کاتي جي پاس آئوٽ ٿيل آفيسرن چيئرمين سيد ذوالفقار علي شاهہ کي سلامي ڏني

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي اينٽي ڪرپشن کاتي 84 مرد ۽ خواتين آفيسرن پنهنجي ٽريننگ مڪمل ڪري ورتي، کاتي جي چيئرمين سيد ذوالفقار علي شاهہ معاشري مان ڪرپشن جي لعنت کي ختم ڪرڻ تي زور ڏنو پوليس ٽريننگ ڪاليج شهدادپور ۾ اينٽي ڪرپشن کاتي ۾ ڀرتي ٿيل 84 مرد، خواتين آفيسرن جي ٽريننگ شهدادپور پوليس سينٽر ڪاليج ۾ مڪمل ٿي ان موقعي تي پاسنگ آئوٽ پريڊ ٿي کاتي جي پاس آئوٽ ٿيل آفيسرن چيئرمين سيد ذوالفقار علي شاهہ کي سلامي ڏني ان موقعي تي خطاب ڪندي چيئرمين سيد ذوالفقار علي شاهہ جو معاشري ۾ ڪرپشن ڪينسر وانگر ناسور بڻجي وئي آهي ان کي بنياد کان ختم ڪرڻ لاءِ پاس آئوٽ ٿيل نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن کي استعمال ڪرڻو پوندو جيستائين ڪرپشن جو خاتمو نٿو ٿئي ان وقت تائين صوبو ۽ عوام ترقي نٿو ڪري سگهي هن چيو تہ ان لاءِ شفافيت ۽ انصاف هئڻ ضروري آهي ان موقعي تي ايس ايس پي پرنسپل پوليس ٽريننگ ڪاليج شهدادپور زاهده پروين پڻ خطاب ڪيو جڏهن 84 پاس آئوٽ ٿيل آفيسرن جي پاسنگ آئوٽ پريڊ جو ڪوآرڊينيٽر ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن حيدرآباد ڊويزن عمران حسين ڏاوچ جي ڪوششن جي پڻ واکاڻ ڪئي وئي



حيدرآباد سنڌ جي اينٽي ڪرپشن کاتي 84 مرد ۽ خواتين آفيسرن جي ٽريننگ مڪمل بعد ورتل گروپ فوٽو

ٽري ميرواهہ تعلقي جي چئني پوليس ٿاڻن جي حد ۾ سماجي برايون چوٽ چڙهي ويون

سيٺارجا سميت سڄي تعلقي ٽري ميرواهہ اندر منشيات، جوا، مين پڙي، گٽڪي، چرس ۽ ٻين غيرقانوني ڌنڌن جو آزار

علائقي جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مبينا طور پوليس جي سرپرستي هيٺ جوا جا اڏا ۽ منشيات جا مرڪز ڪليل

شام ٿيندي ئي مختلف هنڌن تي جوا جون محفلون سڄڻ شروع ٿي وڃن ٿيون، پوليس مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي: علائقي واسي

سيٺارجا(ن ع) ٽري ميرواهہ تعلقي جي چئني پوليس ٿاڻن ۾ قانون بي وس، پوليس جي مبينا آشيرواد سان جوا ۽ منشيات جا اڏا کليل، نوجوان برباد تفصيلي رپورٽ موجب سيٺارجا سميت سڄي تعلقي ٽري ميرواهہ اندر منشيات، جوا، مين پڙي، گٽڪي، چرس ۽ ٻين غيرقانوني ڌنڌن جو چار خطرناڪ حد تائين وڌي ويو آهي، قانون نافذ ڪندڙ ادارا مڪمل طور ناڪام ۽ بي وس نظر اچي رهيا آهن علائقي جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مبينا طور پوليس جي سرپرستي هيٺ جوا جا اڏا ۽ منشيات جا مرڪز کليل نموني هلڻ سبب نوجوان نسل تيزي سان تباهي طرف وڌي رهيو آهي، جڏهن تہ ڪيترائي خاندان بربادي جي ور چڙهي چڪا آهن علائقي واسين موجب شام ٿيندي ئي مختلف هنڌن تي جوا جون محفلون سڄڻ شروع ٿي وڃن ٿيون، جڏهن تہ مين پڙي، گٽڪي، چرس ۽ ٻين نشي آور شين جو ڪاروبار بنا ڪنهن خوف جي جاري آهي عبرت پاران ورتل ڄاڻ موجب منشيات فروشن جا چڱ تہ کليل دربار لڳل آهن، جتي نوجوانن کي آساني سان نشي آور شيون فراهم ڪيون وڃن ٿيون پر لاڳاپيل ادارا خاموش تماشائي بڻيل آهن جيڪڏهن پوليس ۽ بااثر ڌرين جي مبينا آشيرواد حاصل نہ هجي ها تہ اهي غيرقانوني ڌنڌا هڪ ڏينهن بہ جاري نہ رهي سگهن ها هنن چيو تہ پوليس جون موبائلون روزانو گشت ڪن ٿيون، پر جوا هلائيندڙن ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران مبينا طور انهن کي مڪمل ڇوٽ ڏني پئي وڃي، جنهن سبب علائقي ۾ قانون جو خوف ختم ٿي ويو آهي. ذريعن موجب ڪيترائي نوجوان جوا ۽ منشيات جي لت سبب پنهنجا گهر، زمينون، ڪاروبار ۽ مستقبل وڃائي ويٺا آهن، جڏهن تہ ڪيترن خاندانن ۾ روزانو جهيڙا، گهريلو تشدد، طلاقون ۽ مالي تباهي معمول بڻجي چڪي آهي والدين سخت ذهني اذيت ۾ مبتلا آهن ۽ سندن چوڻ آهي تہ سندن نوجوان اولاد سندن هٿن مان نڪري رهيو آهي، پر انتظاميا ڪي ڪا بہ ڳڻتي ناهي تعلقي ٽري ميرواهہ ڪي چاهي وارن منشيات ۽ جوا جي دلدل ۾ ڌڪيو پيو وڃي، جتي غريب ماڻهن جا نوجوان تباهہ ٿي رهيا آهن ۽ ذميوار ادارا خاموش ويٺا آهن. هنن سنڌ حڪومت، آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي خيرپور کان فوري نوٽيس وٺي سيٺارجا ۽ ٽري ميرواهہ ۾ هلندڙ منشيات ۽ جوا جي اڏن خلاف وڏي پيماني تي آپريشن شروع ڪرڻ، ملوث اهلڪارن خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ ۽ نوجوان نسل کي بچائڻ لاءِ هنگامي قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي، ٻي صورت ۾ سخت احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو چتاءُ پڻ ڏنو ويو آهي

حيدرآباد تعلقي ٻهراڙي ۾ منشيات جي وڪري ۽ واهپي ۾ گهٽتائي نہ آئي، پوليس جا ڏٽ

راهوڪي، چلگري ۽ هٽڙي ٿاڻي جي حدن ۾ پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات جو ڪاروبار ٿيڻ لڳو

مسوپرڳڙي سميت ڀرپاسي وارن علائقن ۾ مبينا طور منشيات ۽ نشي آور شين جو وڪرو سرعام جاري

منشيات فروشن ۽ ذميوار اهلڪارن خلاف جاچ ڪري قانوني قدم کنيا وڃن تہ جيئن نوجوان نسل کي تباهي کان بچائي سگهجي: شهري

مسوپرڳڙي (ن ع) حيدرآباد تعلقي ٻهراڙي ۾ مين پڙي، گهٽڪو ۽ سفينا تي پابندي باوجود منشيات جو ڪاروبار جاري راهوڪي چلگري ۽ هٽڙي ٿاڻي جي حدن ۾ سنڌ حڪومت پاران مين پڙي، گهٽڪو سفينا ۽ ٻين مضر صحت شين تي پابندي لاڳو هجڻ باوجود مختلف علائقن ۾ سرعام وڪرو جاري هجڻ جا انڪشاف سامهون اچي رهيا آهن. ٿاڻن جي حدن جي شهرن جي مختلف پاڙن بازارن ۽ خاص طور مسوپرڳڙي سميت ڀرپاسي وارن علائقن ۾ مبينا طور منشيات ۽ نشي آور شين جو وڪرو بي خوف انداز ۾ هلڻ لڳو آهي، جنهن سبب شهري ۽ والدين سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن. مقامي رهواسين جو چوڻ آهي تہ نوجوان نسل تيزي سان نشي جي ور چڙهي رهيو آهي، جڏهن تہ لاڳاپيل ادارا خاموش تماشائي بڻيل نظر اچن ٿا. شهرين الزام هنيو آهي تہ پابندي باوجود مين پڙي، گهٽڪو سفينا، ماوا ۽ ٻين نشي آور شين جو ڪاروبار کليل نموني جاري آهي جنهن سان نہ صرف نوجوانن جي صحت تباهہ ٿي رهي آهي پر سماجي بگاڙ ۾ پڻ اضافو ٿي رهيو آهي. سماجي ڌرين ۽ شهرين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ جهنڊو ناريجو واٽڪي وسي، هٽڙي،ٽنڊو سعيد خان، چلگري، ميرو حاجاڻو ۽ مسوپرڳڙي ۾ هلندڙ مبينا منشيات فروشي خلاف فوري ۽ سخت ڪارروائي ڪئي وڃي جڏهن تہ ذميوار اهلڪارن خلاف بہ جاچ ڪري قانوني قدم کنيا وڃن تہ جيئن نوجوان نسل کي تباهي کان بچائي سگهجي.

جن پيٽروليم لميٽيڊ ڪراچي ۽ مخدوم عبدالرحمان شهيد ڪاليج، ايجوڪيشنل اينڊ ڊولپمينٽ ٽرسٽ کهڙا جي وچ ۾ معاهدو

راڻيپور(ن ع) جن پيٽروليم لميٽيڊ ڪراچي ۽ مخدوم عبدالرحمان شهيد ڪاليج، ايجوڪيشنل اينڊ ڊولپمينٽ ٽرسٽ کهڙا جي وچ ۾ مختلف هنرن جي سکيا وارن ڪورسز لاءِ اڄ پروگريسو پلازا ڪراچي ۾ ايم او يو (MOU) جو معاهدي تي صحيحون ڪيون ويون ان سلسلي ۾ پروقار تقريب ٿي گذري ان موقعي تي جن پيٽروليم جي CEO اشعر صديقي ۽ مخدوم عبدالرحمان شهيد ٽرسٽ جي چيئرمين پير مخدوم نديم احمد هاشمي ڳاڏيل طور تي ايم او يو تي دستخط ڪيا ۽ معاهدي جي دستاويزن جي مٽا سٽا ڪئي

ماتلي ۾ سر سبز ڪسان جي نالي سان هڪ سيمينار

سارين جي وڌيڪ ۽ بهتر فصل لاءِ پاڻ جو استعمال انتهائي ضروري آهي: ماهر

پاڻ جي تياري ۾ فاطمہ فرٽيلائزر جو اهم ڪردار ۽ وڏو نالو آهي: سيمينار کي خطاب

ماتلي (ن ع) سارين جي پيداوار مان وڌيڪ منافعو ڪمائڻ ۽ وڌيڪ پيداوار حاصل ڪرڻ جي حوالي سان فاطمہ فرٽيلائزر ڪمپني پاران ماتلي ۾ سر سبز ڪسان جي نالي سان هڪ سيمينار سڏايو ويو جنهن ۾ بدين ۽ ٽنڊو محمد خان ضلعن مان ڀهتل وڏي تعداد ۾ سارين جي آبادگارن هارين ۽ عام ماڻهن شرڪت ڪئي . شهر جي هڪ مقامي هال ۾ ٿيندڙ انهي پروگرام ۾ فاطمہ فرٽيلائزر ڪمپني جي ٽيڪنيڪل سروسز مينيجر ڊاڪٽر سعيد اقبال خطاب ڪندي چيو تہ سارين جي وڌيڪ فصل حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ فاطمہ فرٽيلائزر جي تيزابي اثر واري سرسبز نائٽروفاس ۽ سرسبز ڪيلشيم امونيم نائٽريٽ پاڻ جو استعمال ڪيو وڃي جنهن سان سارين جي پيداوار ۾ بهتر اضافو ٿئي ٿو ۽ داڻو وزن ۾ ڪري ٿو ۽ زمين جي زرخيزي ۾ بهتر ٿئي ٿي ان موقعي تي ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ايڪسٽينشن حيدرآباد ڊويزن ڊاڪٽر غلام مجتبيٰ لاکو سرسبز ڪسان سيمينار کي خطاب ڪندي چيو سارين جي وڌيڪ ۽ بهتر فصل لاءِ پاڻ جو استعمال انتهائي ضروري ۽ اهم آهي ۽ پاڻ جي تياري ۾ فاطمہ فرٽيلائزر جو اهم ڪردار ۽ وڏو نالو آهي سيمينار کي فاطمہ فرٽيلائزر جي ڊولپمينٽ مينيجر عبدالصمد ابڙو سميت سحرش خواجا انعام الله ڪولاچي ذيشان سليم زراعت کاتي جي رميش ڪمار اسد الله جمالي عبدالواحد نظاماڻي ۽ ٻين خطاب ڪيو

شهدادڪوٽ شهر ۾ محرم الحرام بابت اهم گڏجاڻي

گڏجاڻي ۾ محرم الحرام دوران مذهبي هم آهنگي برقرار رکڻ تي اتفاق

مذهبي توڙي شهري اهم آهنگي کي ماضي جيان برقرار رکيو ويندو: شهري

شهدادڪوٽ(ر ا) شهدادڪوٽ شهر ۾ محرم الحرام جي سلسلي ۾ مذهبي هم آهنگي برقرار رکڻ امن امان جي برقراري سميت ڀائيچاري جي فضا قائم رکڻ لاءِ شهري اتحاد سميت شهري ڌرين جي هڪ اهم گڏجاڻي سنڌ هائوس غريب آباد ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شهري اتحاد جي ڪامريڊ وهاب پنڊراڻي، حبدار ميرجت، ناليوارو قانوندان ۽ قمبر شهدادڪوٽ بار جو اڳوڻو صدر ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو، سماجي اڳواڻ ۽ ڪمبوہ برادري جي صدر جاويد اختر ڪمبوہ، مولانا محمد جان عابد، پ پ (ش پ) جي منير بروهي سميت شهرين واپاري برادري جي اڳواڻن سياسي ڌرين پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي شهري ڌرين وهاب پنڊراڻي حبدار ميرجت ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو ۽ ٻين چيو تہ محرم جي ڏهاڪي سميت ماهہ محرم ۾ ڀائيچاري واري فضا برقرار رکڻ ۽ مذهبي توڙي شهري اهم آهنگي کي ماضي جيان برقرار رکيو ويندو ان سلسلي ۾ هڪ ذميوار اڳواڻن جي ڪاميٽي جوڙي مذهبي ڌرين سميت انتظاميہ سان امن امان قائم رکڻ هم آهنگي برقرار رکڻ لاءِ ڳالهيون ڪيون شهدادڪوٽ ۾ هميشہ امن برقرار رهيو آهي ۽ هڪ ٻئي جي مذهبي معاملن کي احترام جي نگاهہ سان ڏٺو ويو آهي اسين انتظاميہ سان بہ امن امان برقرار رکڻ لاءِ سهڪار ڪندا سين

نوري آباد ۾ 132 ڪي وي گرڊ اسٽيشن نوري آباد- IIجي تعمير لاءِ سنگ بنياد رکيو ويو

حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري گرڊ اسٽيشن جي تعمير جو سنگ بنياد رکيو

گرڊ اسٽيشن ۾ 31.5/40 ايم وي اي گنجائش وارا ٻہ نوان پاور ٽرانسفارمر نصب ڪيا ويندا: ترجمان

نوري آباد (ن ع)حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (حيسڪو) پاران نوري آباد ۾ 132 ڪي وي گرڊ اسٽيشن نوري آباد- IIجي تعمير لاءِ سنگ بنياد رکيو ويو. تقريب ۾ حيسڪو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري گرڊ اسٽيشن جي تعمير جو باضابطہ سنگ بنياد رکيو. حيسڪو جي ترجمان موجب هن اهم منصوبي تي مجموعي طور 1280.16 ملين رپين جي لاڳت ايندي. جڏهن تہ منصوبي جا سمورا خرچ حيسڪو پنهنجي ترقياتي پروگرام تحت پاڻ برداشت ڪندي. هن چيو تہ نئين گرڊ اسٽيشن جي قيام سان نوري آباد ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بجلي جي فراهمي جو نظام وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ٿيندو. ترجمان موجب گرڊ اسٽيشن ۾ 31.5/40 ايم وي اي گنجائش وارا ٻہ نوان پاور ٽرانسفارمر نصب ڪيا ويندا. جڏهن تہ بجلي جي ترسيل لاءِ 3.8 ڪلوميٽر ڊگهي نئين ٽرانسميشن لائين پڻ وڇائي ويندي. منصوبي تحت مجموعي طور 26 اسٽيل پول (بجلي جا ٿنڀا) نصب ڪيا ويندا. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ نئين گرڊ اسٽيشن جي فعال ٿيڻ سان موجوده نوري آباد ۽ ڪلو ڪوهر گرڊ اسٽيشنن تي لوڊ جو دٻاءُ گهٽ ٿيندو جنهن سان بجلي جي فراهمي وڌيڪ بهتر ۽ قابل اعتماد بڻبي. ان سان گڏ علائقي ۾ وولٽيج جي گهٽتائي ۽ ٻين فني مسئلن جو خاتمو ٿيندو جڏهن تہ ٽيڪنيڪل نقصانن ۾ پڻ نمايان گهٽتائي ايندي. صادق ڪُپر موجب هي منصوبو نوري آباد جي وڌندڙ صنعتي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. نئين گرڊ اسٽيشن ذريعي نون صنعتي يونٽن کي بجلي جا ڪنيڪشن فراهم ڪرڻ آسان ٿيندا، جنهن سان علائقي ۾ صنعتڪاري کي هٿي ملندي ۽ مقامي ماڻهن لاءِ روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا. تقريب کان پوءِ حيسڪو چيف فيض الله ڏاهري ۽ سندس ٽيم جي اعزاز ۾ ايگزيڪيوٽو ڪلب آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري فيصل اسپننگ ملز ۾ ڪنور ضياء الرحمان ۽ نوري آباد سان لاڳاپيل واپاري برادري طرفان آجياڻي جو اهتمام پڻ ڪيو ويو جنهن ۾ صنعتڪارن ۽ ڪاروباري شخصيتن علائقي جي معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

پ پ ڪنري ٽائون جي نون عهديدارن جو تعارفي اجلاس

قيادت هڪ ڀيرو ٻيهر اهم ذميواري ڏئي خدمت جو موقعو ڏنو آهي: غلام مصطفيٰ آرائين

ڪارڪن جيالن کي وڌيڪ سرگرم ڪري پارٽي کي پارٽي کي اڳ کان وڌيڪ فعال ڪنداسين

ڪنري(ن ع) پ پ ڪنري ٽائون جي نون عهديدارن جو تعارفي اجلاس پي پي سٽي آفيس تي ٿيو جنهن ۾ ايم پي اي نواب تيمور ٽالپر جي پٽ نواب شهمير ٽالپر،ٽائون چيئرمين حاجي شڪيل باجوا،ضلعي جنرل سيڪريٽري صوفي نواز سومرو،تعلقہ انفارميشن سيڪريٽري عباس علي رند ۽ ٻين شرڪت ڪري نون عهديدارن کي اجرڪون ۽ هار پارائي مبارڪون ڏنيون جهوني جيالي مهر غلام مصطفيٰ آرائين کي وري ٽائون ڪنري جو صدر مقرر ڪرڻ تي جيالن خوشي جو اظهار ڪيو هن موقعي تي خطاب ڪندي نئين مقرر سٽي صدر مهر غلام مصطفيٰ چيو تہ آءِ پارٽي قيادت جو شڪر گذار آهيان جو مون تي اعتماد ڪري هڪ ڀيرو وري اهم ذميواري ڏئي خدمت جو موقعو ڏنو انشاالله پارٽي لاءِ دل جان سان ڪوششون جاري رکي ڪارڪن جيالن کي وڌيڪ سرگرم ڪري پارٽي کي پارٽي کي اڳ کان وڌيڪ فعال ڪنداسين اجلاس ۾ نئين مقرر سينئر نائب صدر غلام حسين درس، جنرل سيڪريٽري سيد منظور شاهہ، ڊپٽي سيڪريٽري گل خاصخيلي، سيف الدين چمن ريڪارڊ ايونٽس سيڪريٽري لکجي ڪولهي ۽ ٻين خطاب ڪندي پارٽي قيادت جو ٿورو مڃيو ۽ مليل ذميواريون بخوبي نڀائڻ جو عهد ڪيو جڏهن تہ گلگت بلتستان جي اليڪشن ۾ پي پي جي واضع ڪاميابي تي پڻ قيادت کي مبارڪون ڏيندي خوشي جو اظهار ڪيو ويو

آفيس آف دي اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقہ گهوڙاٻاري

نوٽيس / عام اطلاع

جئين تہ سنڌ صوبي ۾ حقن جي رڪارڊ جي آخري ڀيرو تصحيح ۽ تصديق 86-1985 دوران سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 تحت ڪئي وئي ۽ ان کانپوءِ ڪا بہ سرگرمي نہ ڪئي وئي آهي.

2- درستگي کي يقيني بنائڻ، سالميت برقرار رکڻ، حق جو رڪارڊ درست ڪرڻ ۽ زمين جي رڪارڊ کي ڊجيٽل ڪرڻ جي مقصدن سان بورڊ آف روينيو سنڌ 28 فيبروري 2025 جي پنهنجي مڪمل بورڊ جي اجلاس ۾ صوبي ۾ زمين جي رڪارڊ جي هڪ خاص نظرثاني (ٻيهر لکڻ) ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي جنهن جي شروعات ديهہ ڏانڌاري تعلقي گهوڙاٻاري ضلعو ٺٽو ۾ پڻ ٿي رهي آهي

3- اهڙي طرح بورڊ آف روينيو سنڌ حقن جي رڪارڊ کي هڪ مضبوط ۽ معياري رڪارڊ کي يقيني بنائڻ ۽ ان کي ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي جي ذريعي آسان بنائڻ لاءِ هڪ خاص نظرثاني (ٻيهر لکڻ) جي سرگرمي شروع ڪئي آهي.

4- تنهنڪري سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 پاران اختيارن کي استعمال ڪي ڪندي، بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد تاريخ 28 فيبروري 2025 08 /Misc/R.W/BOR/2024/Rev/1(II)129 حڪم ڏنو آهي ۽ هدايت ڪئي آهي تہ ديهہ ڏانڌاري تعلقي گهوڙاٻاري ضلعو ٺٽو جي حوالي سان حقن جي رڪارڊ ۾ هڪ خاص نظرثاني (تصحيح ۽ تصديق) ڪئي وڃي.

5- حڪم هيٺ تصديق ۽ تصحيح ٿيل رڪارڊ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 جي ذيلي سيڪشن (11) (12) (13) جي تحت مقرر ڪيل طريقڪار جي فريم ورڪ لاڳاپيل مختيارڪار ۽ ٻهرين گريڊ جي لاڳاپيل اسسٽنٽ ڪليڪٽر طرفان صحيح طور تي تصديق ٿيل هوندو

6- مٿين حوالي مطابق هيٺ ديهہ ڏانڌاري تعلقو گهوڙاٻاري ضلعو ٺٽو جي ڪاتيدارن جا نالا سروي نمبر ۽ انهن جي ايراضي ڏجي ٿي ڪنهن بہ ملڪيت سروي نمبر ايراضي يا ٻي ڪنهن بہ ڳالهہ تي اعتراض هجي تہ اسسٽنٽ ڪمشنر گهوڙاٻاري جي آفيس ۾ 15 ڏينهن اندر اعتراض داخل ڪرائيندا ٻي صورت ۾ مٿي ڄاڻايل رڪارڊ ۾ واسطيدارن جي نالي سان ٻيهر لکيو (ري رائيٽ) ڪيو ويندو

ديهہ ڏانڌاري ، تعلقو گهوڙاٻاري ضلعو ٺٽو

نمبرشمار	ڪاتيدار جو نالو	حصو	سروي نمبر	ايراضي	انٽري نمبر
01 موجوده	حسين ولد الهبچايو	سڄو روپيہ	129،130 131،132 133,134 135,136 137,172	درياءِ	01 1984-85
01 موجوده			143,144 145,146,189		
02 موجوده	عمر ولد امون ناهيو		127 128	درياءِ	02 1984-85
03	بشير احمد خان ولد حاجي مراد جلباڻي غلام محمد ولد حاجي مراد جلباڻي 41401-1238309-1	0-50 0-50 سڄو روپيہ	67,71,72 73,74,75 76,77,78,79	95-09	24 25 9166429-3 26-06-1988
03 موجوده	شرح	سڄو روپيہ	80, 81, 82, 83, 84, 29, 90, 117, 118, 119, 120, 121, 123, 163, 167, 168, 169, 170, 171, 173, 183, 184, 185, 186, 187, 188, 39, 40 ,41, 53, 54, 57, 58, 66, 165, 166, 172,		
04	رمضان ولد علي عبدالرشيد ولد ابوبڪر زاهد ولد ابوبڪر جمن ولد علي ميمڻ	0-17 0-08 0-08 0-09 0-25	155, 156, 157, 158, 159, 160, 161, 162, 171, 175, 176, 177, 178	101-23 حاجي شاهہ جي کي سيل سرٽفڪيٽ جاري ٿيو بقايا محمد جي 76-06	04الف 1984-85 01 10-08-2006
05	صدر شرح نظير ولد عالي ميمڻ جمن ولد عالي ميمڻ اسماعيل ولد عالي مسمات آسي زال عالي	سڄو روپيہ 0-07 0-7 1/4 0-07 0-21 0-37 1/2	181, 182, 189, 190, 191, 192, 193, 208, 209, 210, 211, 124	101-03	21 08-10-2009
06	يوسف ڳلد آمن ناهيو	سڄو روپيہ	125 126	02-18	

اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقہ گهوڙاٻاري

INF-KRY/2422/26

i WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

نوٽيس / عام اطلاع

جئين تہ سنڌ صوبي جي حقن جي رڪارڊ(Record of Rights) جي آخري جاچ ۽ تصديق سال 86-1985 دوران سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 تحت ڪئي وئي هئي ڪاتن جي نئين سر جانچ پڙتال ۽ درستگي کي يقيني بڻائڻ لاءِ تصديق جو عمل پوري سنڌ صوبي ۾ شروع ڪيو ويو آهي بورڊ آف روينيو سنڌ بتاريخ 28 فيبروري 2025 تي ٿيل فل بورڊ جي اجلاس ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 پاران ڏنل اختيارن جو استعمال ڪندي بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد تاريخ 2026-02-12 نمبر 1-Misc/RW/BOR/2026/36/11 جي حڪم تحت رڪارڊ جي حوالي سان هڪ خاص ٻيهر نظرثاني تصديق ۽ گهربل ترميم جو ڪم هلي رهيو آهي اهڙي ئي نموني حڪومت سنڌ حقن جي رڪارڊ کي هڪ مضبوط ۽ آساني سان منتقل ٿيڻ وارو جديد ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي جي ذريعي پروجيڪٽ پڻ شروع ڪيو آهي جيڪو خاص عوامي سهولت لاءِ آهي.

2- مليل متن احڪامات جي تحت رڪارڊ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 جي سب سيڪشن (11)،(12)، (13) تحت مقرر ڪيل طريقيڪار مطابق ضلع ڄامشورو جي تعلقي ٽاڻو بولاخان جي تپو ٽاڻو عارب خان ديهہ پٽ ڪرچات ۾ ري رائيٽنگ ٻيهر لکڻ ۽ رڪارڊ جي درستگي جو ڪم هلي رهيو آهي، ان جي لاءِ هي اطلاع ڏنو وڃي ٿو.

3- جيڪڏهن تپو ٽاڻوعارب خان جي ديهہ پٽ ڪرچات جي هيٺين ڏنل سروي نمبرن ۾ ڪنهن بہ ڪاتيدار جي نالي سروي نمبر ۽ سندن زمين بابت ڪنهن بہ ملڪيت سروي يا ڪنهن بہ ڳالهہ تي اعتراض هجي تہ هو مختيارڪار آفيس /اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقو ٽاڻو بولا خان جي افيس ۾ (15) ڏينهن جي اندر اعتراض داخل ڪرائي سگهن ٿا. ٻي صورت ۾ مٿي ڄاڻايل رڪارڊ حقدارن/ ڪاتيدارن جي نالن سان ٻيهر رڪارڊ لکيو ويندو.

4- هي نئين سر ڪاتن جي تصديق ۽ ڪمپيوٽرائيزڊ رڪارڊ شناختي ڪارڊ جي مطابق رکيو ويندو انهي ڪري جنهن بہ ڪاتي ۾ شناختي ڪارڊ وڌل نہ آهي يا غلط آهي انهن سمورن ڪاتيدارن کي گذارش ٿي ڪجي تہ پنهنجو شناختي ڪارڊ کڻي اچن تہ جيئن شناختي ڪارڊ جي معلومات ڪاتي جي نئين ڪتاب ۾ درست اچي سگهي.

سروي / ڪيٽ نمبر: 195, 111, 113, 159, 234, 202, 203, 260, 55, 103, 140, 250, 41 91, 259, 53, 67, 66, 65, 141, 266, 245, 239, 135, 56, 102, 206, 204, 200, 42, 109, 97, 37, 58, 38, 35, 226, 236, 215, 180, 199, 170, 217, 154, 241, 128, 127, 153, 93, 88, 27, 223, 149, 217, 136, 31, 268, 233, 232, 164, 30, 94, 251, 216, 121, 122, 117, 116, 86, 47, 6, 162, 148, 147, 146, 145, 144, 224, 119, 48, 210, 16, 168, 138, 114, 227, 212, 211, 196, 192, 191, 190, 188, 165, 166, 161, 151, 242, 89, 23, 14, 131, 285, 130, 277, 186

مختيارڪار (روينيو) تعلقو ٽاڻو بولا خان ضلعو ڄامشورو

INF-KRY/2390/26

i WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

روزاني عبرت

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻلپلار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

ڇنڇر 13 جُون 2026ع

بجيٽ ۾ عام ماڻهوءَ کي ڪيترو رليف آهي؟

قومي اسيمبليءَ ۾ وفاقي ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب پاران پيش ڪيل 18 هزار 771 ارب رپين جي وفاقي بجيٽ هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ جي معاشي ترجيحن، حڪومتي پاليسين ۽ عام ماڻهوءَ جي حالتن بابت ڪيترائي اهم سوال پيدا ڪري ٿي. حڪومت هن بجيٽ کي استحڪام ۽ ترقيءَ جو دستاويز قرار ڏنو آهي، پر زميني حقيقتون اهو ظاهر ڪن ٿيون ته عام شهري، ملازم طبقو ۽ گهٽ آمدنيءَ وارا ماڻهو اڃا تائين سڀ کان وڌيڪ دٻاءَ هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن. حڪومت پاران پيش ڪيل معاشي انگ اکر ڪنهن حد تائين بهتري جو اشارو ڏين ٿا. جهڙوڪ 3.7 سيڪڙو معاشي واڌ، ترسيلاتِ زر ۾ اضافو ۽ پرڏيهي ذخيرن ۾ بهتري. اهي انگ يقيناً مالي استحڪام ڏانهن هڪ قدم آهن، پر اصل سوال اهو آهي ته ڇا هيءَ بهتري عام ماڻهوءَ جي روزمره زندگيءَ ۾ به نظر اچي ٿي؟ حقيقت اها آهي ته مهانگائي، بي روزگاري ۽ بجلي، گيس توڙي دوائن جي قيمتن ۾ لڳاتار واڌ اڃا تائين عوام لاءِ سڀ کان وڏو بار بڻيل آهي. سرڪاري ملازم، خاص طور تي هيٺين گريڊ وارا، هن بجيٽ ۾ به مڪمل رليف کان محروم نظر اچن ٿا. 7 سيڪڙو پگهارن ۽ پينشن ۾ واڌ ۽ گهٽ ۾ گهٽ اجرت ۾ 10 سيڪڙو اضافو بظاهر هڪ قدم آهي، پر جڏهن مهانگائيءَ جي تيز رفتار واڌ کي ڏٺو وڃي ٿو ته اهو اضافو اَٽ جي وات ۾ جيري مثل آهي. ڪلارڪ، استاد، نرسون ۽ ٻيا ننڍي گريڊ جا ملازم اڳ ئي سخت مالي دٻاءَ هيٺ آهن، جتي آمدني ۽ خرچن جو توازن مسلسل بگڙي رهيو آهي. پينشنرن لاءِ به 7 سيڪڙو واڌ ڪا خاص رليف نٿي ڏئي، ڇو ته دوا ۽ روزمره خرچ گهڻو تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن.

بجيٽ ۾ ٽيڪس پاليسيءَ ۾ ڪجهه تبديليون ۽ ڪجهه سرچارجز جو خاتمو ضرور ڪيو ويو آهي، پر پگهاردار طبقو اڃا به محسوس ڪري ٿو ته ٽيڪس جو بار گهٽجڻ بدران ڪنهن حد تائين برقرار آهي. پگهاردار ماڻهو جيڪي اڳ ئي باقاعده ٽيڪس نيٽ ۾ شامل آهن، انهن لاءِ حقيقي ۽ مستقل رليف اڃا به هڪ وڏو سوال آهي. ٻئي طرف ڪجهه اعليٰ آمدنيءَ وارن طبقن لاءِ ٽيڪس ۾ رعايتون اهو تاثر ڏين ٿيون ته معاشي بار جي ورڇ ۾ مڪمل توازن اڃا تائين پيدا نه ٿي سگهيو آهي. ترقياتي منصوبن لاءِ وڏيون رقمون رکڻ، جهڙوڪ روڊن، موٽرويز، توانائي ۽ پاڻيءَ جي منصوبن ۾ سيڙپڪاري، ڊگهي مدي ۾ يقيناً اهم آهن. اين-25 سکر-حيدرآباد موٽروي ۽ ايم ايل-1 جهڙا منصوبا ملڪ جي رابطن ۽ واپار کي بهتر بڻائي سگهن ٿا پر ڇا انهن جو فائدو عام ماڻهوءَ کي فوري طور تي ملي سگهندو. ٻئي طرف تعليم، صحت ۽ سماجي تحفظ جهڙا بنيادي شعبا اڃا به محدود وسيلن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن، جنهن سبب انساني ترقي جا اشاريه بهتر ٿيڻ ۾ دير نظر اچي ٿي. بجيٽ جو وڏو حصو قرضن جي سود جي ادائيگي ۽ دفاع ۾ وڃڻ هڪ اهڙي حقيقت آهي جيڪا ملڪ جي مالي گنجائش کي مسلسل محدود ڪري رهي آهي. اربين رپين جو خرچ صرف قرضن جي واپسي ۽ دفاع تي هجڻ جو مطلب اهو آهي ته ترقي ۽ عوامي ڀلائيءَ لاءِ وسيلن ۾ گهٽتائي رهندي آهي. اهڙي صورتحال ۾ حڪومت لاءِ اهو وڏو چئلينج آهي ته هو مالي توازن ۽ سماجي انصاف جي وچ ۾ هڪ پائيدار رستو ڳولي. حقيقت اها آهي ته عام ماڻهوءَ لاءِ اصل مسئلو انگن اکرن جي واڌ نه، پر روزمره زندگيءَ جو دٻاءُ آهي. روزگار جا موقعا محدود آهن، مهانگائي وڌي رهي آهي ۽ بنيادي ضرورتون عام ماڻهوءَ جي پهچ کان پري ٿينديون پيون وڃن. جيستائين پاليسيون سڌيءَ طرح عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ بهتري نه آڻينديون، تيستائين معاشي ترقيءَ جا انگ صرف ڪاغذن تائين محدود رهندا.

بهرحال، مجموعي طور تي وفاقي بجيٽ 27-2026 ڪجهه مثبت اشارا ضرور ڏئي ٿي پر اها اڃا به مڪمل طور تي عوامي رليف جو بجيٽ نه بڻجي سگهي آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت ترقياتي انگن اکرن کان اڳتي وڌي ۽ اهڙيون پاليسيون اختيار ڪري جيڪي واقعي ملازم طبقي، مزدورن ۽ گهٽ آمدنيءَ وارن ماڻهن جي زندگيءَ ۾ حقيقي بهتري آڻي سگهن. نه ته ماضيءَ جيان هن بجيٽ کي به انگن اکرن جي هيراڦيري ئي ڪوٺيو ويندو.

وفاقي بجيٽ 27-2026: معاشي استحڪام جون دعوائون، عوامي اميدون ۽ زميني حقيقتون



سرمد منصور

پاڪستان جي قومي اسيمبلي ۾ مالي سال 27-2026ع لاءِ 18 هزار 771 ارب رپين جي وفاقي بجيٽ پيش ڪئي وئي آهي. وفاقي وزيرخزانہ محمد اورنگزيب پاران پيش ڪيل هيءَ بجيٽ موجوده حڪومت جي ٽين بجيٽ آهي جنهن کي حڪومت معاشي استحڪام، ترقي ۽ سڌارن جي تسلسل جي بجيٽ قرار ڏئي رهي آهي. بجيٽ تقرير دوران وزير خزانہ معاشي انگن اکرن ۾ بهتري، مٿا سٺا واري ناڻي جي ذخيرن ۾ اضافي، مهانگائيءَ جي شرح ۾ گهٽتائي، پرڏيهي ناڻي ۾ رڪارڊ واڌ ۽ دفاعي صلاحيتن ۾ مضبوط ٿيڻ جا حوالا ڏنا. پر سوال اهو آهي ته ڇا اهي انگ اکر عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ بهتري آڻڻ لاءِ ڪافي آهن يا اڃا به ملڪ کي معاشي ۽ سماجي چئلينجن جي ڊگهي سفر مان گذرڻو پوندو؟ گذريل ڪجهه سالن دوران پاڪستان کي انتهائي ڏکين معاشي حالتن کي منهن ڏيڻو پيو. عالمي وبا، روس-يوڪرين جنگ، توانائي جو عالمي بحران، تباهه ڪندڙ ٻوڏون ۽ سياسي غيريقيني صورتحال ملڪ جي معيشت تي گهرا اثر ڇڏيا. اهڙي ماحول ۾ جڏهن موجوده حڪومت اقتدار سنڀاليو ته ملڪ جا ناڻي وارا ذخيرا خطرناڪ حد تائين گهٽجي چڪا هئا، مهانگائي ڊبل ڊجٽ ۾ هئي ۽ ترقيءَ جي رفتار سست ٿي چڪي هئي. حڪومت دعويٰ ڪري ٿي ته هن مختصر عرصي دوران معاشي استحڪام حاصل ڪيو ويو آهي ۽ هاڻي معيشت ترقيءَ جي رستي تي هلي رهي آهي.

بجيٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پاڪستان جي معيشت جو حجم 452 ارب ڊالرن تائين پهچي ويو آهي، في ماڻهو آمدني 1901 ڊالر ٿي وئي آهي ۽ معاشي ترقيءَ جي شرح 3.7 سيڪڙو تائين پهچي چڪي آهي. ساڳئي وقت ايندڙ مالي سال لاءِ 4 سيڪڙو ترقيءَ جي شرح جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. بلاشبہ اهي انگ اکر مثبت نظر اچن ٿا، پر انهن کي عام ماڻهوءَ جي معاشي حالت سان جوڙي ڏسڻ ضروري آهي. ملڪ جي وڏي آبادي اڃا به مهانگائي، بيروزگاري، گهٽ آمدني ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي. هن بجيٽ جو سڀ کان نمايان پهلو دفاعي شعبي لاءِ 3 هزار ارب رپين جي مختص رقم آهي. ڀارت سان وڌندڙ ڇڪتاڻ، علائقائي سلامتيءَ جي صورتحال ۽ جديد جنگي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي حڪومت دفاعي بجيٽ ۾ نمايان اضافو ڪيو آهي. پاڪستان جي سلامتي ۽ خودمختياري يقيناً اهم ترين قومي ترجيح آهي، پر ساڳئي وقت اهو سوال به اڀري ٿو ته ڇا تعليم، صحت ۽ انساني ترقيءَ جا شعبا به ساڳئي سطح جي اهميت حاصل ڪري رهيا آهن؟

حڪومت جي مطابق عوامي صحت لاءِ 25 ارب رپيا ۽ اعليٰ تعليم لاءِ 46 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن. جيڪڏهن انهن انگن جو ٻين خرچن سان مقابلو ڪيو وڃي ته واضح ٿئي ٿو ته انساني ترقيءَ جي شعبن کي اڃا به محدود وسيلن سان هلائڻو پوندو. دنيا جا ترقي يافتہ ملڪ تعليم، تحقيق، صحت ۽ انساني وسيلن تي وڏي سيڙپڪاري ڪري معاشي ترقي حاصل ڪن ٿا. پاڪستان لاءِ به ڊگهي مدي واري ترقيءَ جو رستو انساني سرمائي ۾ سيڙپڪاري مان ئي گذري ٿو. بجيٽ جو هڪ اهم پهلو سماجي تحفظ جي شعبي لاءِ رقم ۾ واڌ آهي. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام لاءِ 838 ارب رپيا مختص ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. جيڪو گذريل سال جي ڀيٽ کان 17 سيڪڙو وڌيڪ آهي. ملڪ ۾ غربت جي شرح ۾ اضافي ۽ معاشي دٻاءَ کي نظر ۾ رکندي اهڙي پروگرام جي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، پر سوال وري به اهو اُٿي ٿو ته ڇا رڳو امدادي پروگرام غربت ختم ڪري سگهن ٿا يا ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪري ماڻهن کي مستقل معاشي سهارو فراهم ڪيو وڃي؟ پگهاردار طبقي لاءِ ڪجهه رليف تجويز ڪيو ويو هو، پر انگ اکر ڏسي ملڪ جي اڪثر ملازمن جا منهن لهي ويا آهن ممڪن آهي ته ايندڙ ڏينهن ۾ ملازم احتجاجي واٽ به اختيار ڪن. سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن ۾ 7 سيڪڙو واڌ تجويز ڪئي وئي آهي پر جڏهن موجوده مهانگائيءَ جي شرح ۽ روزمره زندگيءَ جي خرچن جو جائزو ورتو وڃي ٿو ته اهو اضافو محدود نظر اچي ٿو. ڪيترائي معاشي ماهر سمجهن ٿا ته حقيقي خريداري قوت ۾ نمايان بهتري آڻڻ لاءِ وڌيڪ مؤثر قدمن جي ضرورت آهي. البت مختلف آمدني وارن طبقن لاءِ ٽيڪس جي شرح ۾ گهٽتائي ۽ 9 سيڪڙو سرچارج ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي.

بجيٽ ۾ ترقياتي منصوبن لاءِ پڻ اهم رقم مختص ڪئي وئي آهي. قومي ترقياتي پروگرام لاءِ 3675 ارب رپيا رکيا ويا آهن. شاهراهن، موٽروين، ريلوي ۽ توانائي منصوبن تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي. اين-25 شاهراهه، سکر-حيدرآباد موٽروي ۽ ايم ايل ون جهڙا منصوبا ملڪ جي انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. خاص طور تي سنڌ ۽ بلوچستان لاءِ اهي منصوبا واپار، صنعت ۽ روزگار جي نون موقعن جا در کولي سگهن ٿا.

پاڻيءَ جي شعبي لاءِ 103 ارب رپين کان وڌيڪ رقم مختص ڪرڻ پڻ اهم قدم آهي. پاڪستان کي پاڻي جي کوٽ، موسمي تبديلي ۽ ٻوڏن جي خطرن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. ديامير ڀاشا ڊيم، مهمند ڊيم ۽ داسو منصوبي جهڙا منصوبا مستقبل جي پاڻي ۽ توانائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. پر پاڪستان ۾ ڪيترائي وڏا منصوبا ماضيءَ ۾ فنڊن جي کوٽ، انتظامي نااهلي ۽ سياسي مداخلت سبب دير جو شڪار رهيا آهن. ان ڪري ضروري آهي ته انهن منصوبن تي شفاف ۽ تيز رفتار عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي.

شهري ترقي ۽ هائوسنگ لاءِ 54 ارب رپين کان وڌيڪ رقم رکڻ پڻ خوش آئند آهي. پاڪستان جي آبادي تيزيءَ سان شهري علائقن ڏانهن منتقل ٿي رهي آهي. 2035ع تائين ملڪ جي تقريباً اڌ آبادي شهرن ۾ رهندي. اهڙي صورتحال ۾ سستي رهائش، صاف پاڻي، ٽرانسپورٽ ۽ شهري منصوبابندي انتهائي اهم ٿي وڃي ٿي. هڪ لک پنجاهه هزار سستا رهائشي يونٽ ٺاهڻ جو اعلان مثبت آهي پر ماضيءَ جي تجربي کي ڏسندي اصل ڪاميابي عملدرآمد سان مشروط هوندي.

توانائي جي شعبي ۾ به مختلف منصوبن لاءِ وڏي رقم مختص ڪئي وئي آهي. قابلِ تجديد توانائي ۽ بجلي جي ترسيل نظام کي مضبوط ڪرڻ جا اعلان ڪيا ويا آهن. پاڪستان جي صنعت ۽ معيشت کي سستي ۽ مسلسل بجلي جي فراهمي جي سخت ضرورت آهي. جيستائين توانائي شعبي ۾ حقيقي سڌارا آندا ويا ته رڳو صنعتي ترقي ممڪن ٿيندي پر برآمدات ۾ به اضافو ٿي سگهي ٿو.

بجيٽ ۾ ننڍن دڪاندارن لاءِ فڪسڊ ٽيڪس سسٽم متعارف ڪرائڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. حڪومت جو موقف آهي ته هن سان ٽيڪس نظام سادو ٿيندو ۽ وڌيڪ ماڻهو ٽيڪس نيٽ ۾ شامل ٿيندا. پاڪستان جو هڪ وڏو مسئلو محدود ٽيڪس بنياد رهيو آهي جتي لکين ماڻهو آمدني حاصل ڪرڻ باوجود ٽيڪس ادا نٿا ڪن. جيڪڏهن ٽيڪس سڌارا منصفاڻي انداز ۾ لاڳو ڪيا ويا ته حڪومت جي آمدنيءَ ۾ اضافو ممڪن ٿي سگهي ٿو. ٻئي طرف ڪاروباري حلقن کي ڪجهه رليف به ڏنو ويو آهي. برآمدات تي ٽيڪس گهٽائڻ، آئي ٽي شعبي لاءِ سهولتون برقرار رکڻ ۽ سپر ٽيڪس ۾ گهٽتائي جهڙا قدم سيڙپڪاريءَ کي هٿي ڏئي سگهن ٿا. پاڪستان کي ڊگهي عرصي تائين معاشي استحڪام حاصل ڪرڻ لاءِ برآمدات وڌائيندي پوندي. رڳو قرضن ۽ پرڏيهي زر تي ڀاڙڻ پائيدار حڪمت عملي نٿي ٿي سگهي.



هن بجيٽ جو هڪ دلچسپ پهلو عورتن جي صحت سان لاڳاپيل شين تي ٽيڪس ختم ڪرڻ آهي. سينيٽري پيڊز ۽ مانع حمل شين تي ٽيڪس جي خاتمي سان نه رڳو عورتن کي ڪجهه مالي رليف ملندو پر صحت ۽ خانداني منصوبابنديءَ جي شعبي ۾ به مثبت اثر پئجي سگهي ٿو. اهڙا قدم سماجي ترقيءَ جي حوالي سان اهميت رکن ٿا. بهرحال بجيٽ بابت سڀ کان وڏو سوال قرضن جي بار جو آهي. مجموعي خرچن مان 8054 ارب رپيا صرف قرضن تي وياج جي ادائيگي لاءِ رکيا ويا آهن. اهو انگ دفاعي بجيٽ، صحت، تعليم ۽ ڪيترن ئي ترقياتي منصوبن جي گڏيل خرچن کان به وڌيڪ آهي. حقيقت اها آهي ته پاڪستان جي معيشت تي قرضن جو بار اڃا به وڏو چئلينج بڻيل آهي. جيستائين قرضن تي انحصار گهٽائڻ ۽ آمدنيءَ جا مستقل ذريعا پيدا ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل نه ٿيندي، تيستائين معاشي استحڪام نازڪ ئي رهندو.

وفاقي بجيٽ 27-2026ع اميدن ۽ چئلينجن جو گڏيل عڪس آهي. هڪ طرف معاشي انگن ۾ بهتري جون دعوائون، ترقياتي منصوبن جا اعلان ۽ ڪجهه شعبن لاءِ رليف موجود آهي ته ٻي طرف قرضن جو بار، محدود وسيلن، مهانگائي ۽ بيروزگاريءَ جهڙا مسئلا به برقرار آهن. بجيٽ جي اصل ڪاميابي انگن اکرن ۾ نه پر ان ڳالهه ۾ هوندي ته عام ماڻهوءَ جي زندگي ۾ ڪيتري تبديلي اچي ٿي.

حڪومت لاءِ ضروري آهي ته اها رڳو بجيٽ اعلانن تائين محدود نه رهي پر شفاف عملدرآمد، ڪرپشن جي خاتمي، ادارتي سڌارن ۽ معاشي انصاف کي يقيني بڻائي. پاڪستان جو عوام هاڻي انگن اکرن کان وڌيڪ عملي نتيجن جو منتظر آهي. جيڪڏهن هي بجيٽ روزگار پيدا ڪرڻ، مهانگائي تي ضابطو آڻڻ، تعليم ۽ صحت کي بهتر بڻائڻ ۽ ملڪ کي پائيدار معاشي ترقيءَ جي رستي تي آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿي ته اها يقيناً هڪ تاريخي بجيٽ ثابت ٿي سگهي ٿي. ٻي صورت ۾ اها به ماضيءَ جي ڪيترن ئي بجيٽن وانگر رڳو اعلانن ۽ اميدن جو دستاويز بڻجي رهجي ويندي.

معاشري ۾ اصلاح جو جذبو پيدا ڪريو!



مير قائم خان ٽالپر


ماهم نور هڪ پوسٽ گريجوئيٽ ڊاڪٽر آهي. هوءَ سرجري ۾ تربيت حاصل ڪري رهي هئي. هوءَ انهن نوجوان ڊاڪٽرن مان هئي جيڪي ڏينهن رات اسپتالن ۾ مريضن جي جان بچائڻ جي لاءِ ڪم ڪندا رهندا آهن. سندس زندگيءَ جو مقصد ماڻهن جو علاج ڪرڻ هو پر افسوس جوڳي ڳالهه اها آهي ته هوءَ هڪ ئي پل ۾ پاڻ مريض بڻجي وئي هئي. آئون پنهنجي پڙهندڙ نوجوانن کان سوال اهو ٿو ڪريان ته ڇا سندس ڏوهه اهو هو ته هوءَ هڪ سرڪاري اسپتال ۾ عوام جي خدمت ڪري رهي هئي؟ ڇا سندس ڏوهه اهو هو ته هن هڪ ڏکئي شعبي سرجري جي چونڊ ڪئي هئي؟ يا وري سندس ڏوهه صرف اهو هو ته هوءَ هڪ اهڙي عورت هئي جيڪا مردن جي غلبي واري سماج ۾ پنهنجا خواب پورا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي؟ ٿورو سوچيو ۽ منهنجي انهن سوالن تي غور ڪريو. هن جي مٿان دوران ڊيوٽي تيزاب اڇلايو ويو ۽ تيزاب صرف سندس جسم کي نه ساڙي پر هن جي هر هڪ خواب کي جهلسائي ڇڏيو، هن جي مستقبل کي زخمي ڪري ڇڏيو، هڪ خاندان کي پريشاني ۽ عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. ابتدائي اطلاعات موجب حملي ۾ سندس چهرو، ڇاتي ۽ ٻانهون سخت متاثر ٿيون، بعد ۾ کيس بهترين علاج جي لاءِ ايئر ايمبولينس ذريعي ڪراچي منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اسان جي معاشري ۾ موجود بيمار ذهنيت وارا مرد عورت کي رڳو عورت جي حيثيت سان ڏسن ٿا، اُهي اهو نٿا سمجهن ته اها عورت ان وقت هڪ ڊاڪٽر جي روپ ۾ بيٺي هئي جيڪا ٻين جي جان بچائڻ ۽ کين صحت فراهم ڪرڻ جي مقدس فرض جي ادائيگي ۾ مصروف هئي پر هڪ جاهل ذهني بيمار مرد جي غليظ حرڪت جي ڪري اڄ اُها انسانيت جي مسيحا عورت پاڻ زندگيءَ جي هڪ سخت امتحان مان گذري رهي آهي. ملزم مارجي چڪو آهي پر ڇا ڪهاڻي هتي ئي ختم ٿي وڃي ٿي؟ نه حقيقت ۾ اصل سوال اڃا به باقي آهن جن مان هڪ خاص سوال اهو آهي ته اسان جي معاشري ۾ انهيءَ بيمار ذهنيت جي پٺيان ڪهڙا اهڙا سبب آهن جيڪي اهو سڀ ڪرائڻ تي مجبور ڪن ٿا؟ يا ته هڪ سرڪاري اسپتال جي اندر اهڙو حملو ڪيئن ممڪن ٿيو؟ سيڪيورٽي ڪٿي هئي؟ هڪ خاتون ڊاڪٽر کي اهڙي ماحول ۾ ڪم ڪندي ڇو خاص قسم جو تحفظ حاصل نه هو؟ ۽ جيڪڏهن خطرا موجود هئا ته انهن سان منهن ڏيڻ جي لاءِ ٻيهرين ئي سخت قسم جا قدم ڇو نه کنيا ويا هئا؟ جڏهن ته اِهو سوال به پنهنجي جاءِ تي اهميت رکي ٿو ته عورت ڊاڪٽرز، نرسون ۽ ٻيا هيلٿ ورڪرز جيڪي انسانيت جي خدمت ۽ اسان جي ٻارن کي معذوري کان بچائڻ لاءِ پوليو جا ڦڙا پيارڻ جهڙا اهم فرض سرانجام ڏين ٿا. آخر ڪهڙين حالتن ۾ ڪم ڪن ٿا؟ اُهي راتين جون ڊيوٽيون ڏين ٿا، ايمرجنسي وارڊن ۾ مسلسل خدمتون سرانجام ڏين ٿا، مريضن ۽ سندن وارثن جي دٻاءُ، شڪايتن ۽ ڪڏهن ڪڏهن بدسلوڪيءَ جو به مقابلو ڪن ٿا، پر افسوس جو سندن حفاظت، آرام، عزت ۽ پيشيورانہ وقار کي اڪثر گهربل اهميت ۽ ترجيح نٿي ڏني وڃي. اسان جي سماج ۾ هڪ ڪڙي حقيقت اِها به آهي ته ڪيترين ئي عورتن کي اڄ به صرف ان ڪري هراسان ٿيڻ، نفرت يا تشدد کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، ڇاڪاڻ ته اُهي پڙهيل لکيل، خود مختيار ۽ پيشيورانہ زندگي گذاري رهيون هونديون آهن. جڏهن هڪ عورت گهر کان نڪري پنهنجي سڃاڻپ ٺاهي ٿي ته ڪجهه بيمار ذهن ان کي پنهنجي انا جي خلاف سمجهن ٿا. ڊاڪٽر ماهم نور جو واقعو صرف هڪ فرد جي ڪهاڻي ناهي، هيءَ انهن هزارين عورتن جي ڪهاڻي آهي جيڪي روزانو آفيسن، اسپتالن، تعليمي ادارن ۽ ٻين شعبن ۾ ڪم ڪن ٿيون ۽ اُن اميد سان گهر کان نڪرنديون آهن ته اُهي شام جو محفوظ واپس پنهنجي گهر موٽي اينديون. اُن ڪيس ۾ قانون پنهنجو رستو اختيار ڪندو، جاچ به ٿيندي، بيان به ايندا پر اسان کي سوچڻ کپي ته انهيءَ بيمار ذهنيت جو علاج ڪهڙو آهي؟ ڊاڪٽر ماهم نور ۽ اهڙيون ڪيترائي عورتون آهن جيڪي اهڙي بيمار ذهنيت جو شڪار ٿين ٿيون تن کي انصاف ضرور ملڻ گهرجي پر انصاف صرف هڪ ملزم جي انجام جو نالو ناهي. انصاف ان ڏينهن ٿيندو جڏهن هر اداري ۾ ڪم ڪندڙ هر عورت پاڻ کي محفوظ محسوس ڪندي، انصاف ان ڏينهن ٿيندو جڏهن ڪنهن نياڻيءَ کي پنهنجي خوابن جي قيمت پنهنجي قيمتي زندگي، چهري ۽ جسم سان ادا ڪرڻي نه پوندي. اڄ اسان سڀ ڊاڪٽر ماهم نور جي لاءِ دعاگو آهيون پر دعا سان گڏ ڪيترائي سوال به ضرور ذهن ۾ اچن ٿا، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن سوال ختم ٿي ويا ته شايد سڀاڻي هڪ ٻي ڊاڪٽر ماهم نور اسان جي سامهون هوندي ۽ اسان وري اهو ئي پڇي رهيا هونداسين ته آخر سندس ڏوهه ڪهڙو هو؟

منهنجا پڙهندڙ نوجوانو، تصوير جو ٻيو رُخ اِهو آهي ته ڊاڪٽر ماهم نور ناصر کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندڙ عبدالرزاق خلجي هڪ مرد ئي هو ۽ تيزاب اڇلائڻ وارو به هڪ مرد هو، يعني ٻين لفظن ۾ اَئين چئجي ته ابن آدم جون لکين صورتون آهن. ڪٿي هُو محافظ آهي ته ڪٿي قاتل اِهو ئي ابنِ آدم جيڪو حوا جي ڌيءَ جو رت وهائي ٿو ۽ بدنن کي زخمي ڪري ٿو. ڪٿي وري مسيحا جو روپ ڌاري مُرده جسمن ۾ روح ڦوڪي ٿو اها خدا جي قدرت آهي جو ابن آدم جي بيشمار غليظ چهرن جي وچ ۾ ڪي چهرا خِضر جهڙا به آهن ۽ ڪي مسيحائي ڪردار ادا ڪندڙ چهرا به، جيڪي انسانيت جي خدمت ۽ زندگيءَ جي بحاليءَ جو سبب بڻجن ٿا. ٻئي مرد آهن پر ٻنهي جي عمل ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. عبدالرزاق خلجي هڪ رول ماڊل آهي اهڙن ماڻهن جي دل جوئي ۽ حوصلا افزائي تمام ضروري آهي ۽ پاڪستان جا ماڻهو ڏاڍي خوشيءَ سان کيس سراهي رهيا آهن. حقيقت ۾ جڏهن ڪنهن مريض کي ڪا بيماري ٿئي ٿي ته ڊاڪٽر جي لاءِ اِهو ضروري آهي ته هُو پهرين مرض جي تشخيص ڪري پوءِ انهيءَ جو علاج شروع ڪري، ڇو ته تشخيص کان اڳ مريض جي علاج شروع ڪرڻ سان مرض ۾ اضافي ٿيڻ جو امڪان وڌيڪ آهي ساڳيءَ ريت معاشرو به مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو تنهن ڪري ضروري آهي ته ڪنهن به مرض جي علاج کان اڳ ان جي صحيح تشخيص ڪئي وڃي، پوءِ ان جي نوعيت موجب مناسب علاج تجويز ڪيو وڃي پر اسان جي بدقسمتي اِها رهي آهي ته اسان جو معاشرو شروع کان ئي ڪيترن موذي مرضن ۾ ورتل رهيو آهي ان کان به وڌيڪ افسوسناڪ ڳالهه اِها آهي ته نه ته انهن بيمارين جي تشخيص ۾ سنجيدگيءَ کان ڪم ورتو ويو آهي ۽ نه ئي انهن جي بنيادي سببن تي غور ۽ فڪر ڪيو ويو آهي نتيجي ۾ اِهي سماجي بيماريون وقت سان گڏ وڌيڪ پيچيده ۽ خطرناڪ صورت اختيار ڪنديون ويون آهن اِهو ئي سبب آهي جو اسان جي معاشري جو مرض ٺيڪ ٿيڻ بدران وڌيڪ خطرناڪ صورت اختيار ڪندو پيو وڃي.

منهنجي خيال ۾ ڪنهن به معاشري ۾ ڏوهن ۽ اهڙن واقعن جو بنيادي سبب انهيءَ قوم ۾ اخلاقي شعوري عدم توازن پڻ آهي جنهن سبب معاشرو طبقن ۾ ورهائجي وڃي ٿو ۽ معاشرو تيزيءَ سان زوال ڏانهن سفر ڪرڻ شروع ٿي چڪو آهي جنهن ۾ اهم سبب اِهو ئي آهي جو ذهني معذوري جو شڪار طبقو عورت کي انساني سطح کان هيٺ جي مخلوق سمجهي ٿو ۽ احساس بلنديءَ جو شڪار محسوس ڪري ٿو ۽ پوءِ انهيءَ احساس بلنديءَ کي قائم رکڻ ٻين ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ ڏوهن ۾ ملوث ٿيو وڃي ياد رکو معاشري ۾ اخلاقي ۽ شعوري بحران سبب ڏوهن جو ڏميوار اِهو طبقو ئي آهي جنهن قوم جي اجتماعي شعوري تربيت ناهي ڪئي ۽ هٿن جي دماغن کي پنهنجي استعمال جي ڪري پنهنجي قبضي ۾ رکيو آهي انهيءَ جي سوچن کي پنهنجي مفاد جي استعمال طرف موڙي ڇڏيو آهي اڄ اسان جو معاشرو عدم برداشت جي خطرناڪ رجحان ۾ وڪوڙجي ويو آهي شائستگي، رواداري ۽ مثبت سوچ جي جاءِ تي بدگماني، تنگ نظري ۽ منفي روين گهر ڪري ورتو آهي اختلافِ راءِ کي برداشت ڪرڻ بدران دشمنيءَ جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو، جنهن سبب سماجي هم آهنگي ۽ اخلاقي قدر ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندا پيا وڃن هاڻي ڏٺو وڃي ته اسان جي معاشري ۾ ماڻهن جي روين مان اخلاق، صبر ۽ برداشت ختم ٿيندي ويو آهي ماحول اڳي ئي ايترو خوشگوار نه هو مٿان وري دنيا جون حالتون به ڏينهون ڏينهن خراب ٿينديون نظر اچي رهيون آهن جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته اڄڪلهه اسان جي صورتحال جيڪو رخ اختيار ڪري چڪي آهي ان کي ڪنهن به طرح سان اطمينان بخش نه ٿو چئي سگهجي انهيءَ ڪري اسان هڪٻئي سان ڳالهائڻ وقت اخلاقيات کان ايترو نه هيٺ اچو وڃو جو ذاتيات تائين وڃو نڪرون بلڪ ٻين لفظن ۾ اَئين چوان ته چڻ اسان جي وچ ۾ بداخلاقي جو مقابلو هجي ڪو ڏينهن به اهڙو نٿو گذري جو اسان اهڙيون درد ناڪ خبرون نه ٻڌندا يا پڙهندا هجون هاڻي جيڪڏهن ملڪ جو سلجهيل، اهلِ علم ۽ دانشور طبقو ڪوشش نٿو ڪري معاشري کي انهيءَ عمل کان پري رکڻ جي ته پوءِ صورتحال اڃا وڌيڪ خراب ٿي ويندي، ايستائين جو اڄڪلهه اخلاقياتي پستي جو وڌندڙ رجحان معاشري کي ايترو ته متاثر ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيندو جو هر ڳوٺ، هر شهر ۽ هر گهٽي ۾ اسان کي ڊاڪٽر ماهم نور جيان ڪيترائي مظلوم نياڻيون نظر اينديون.

منهنجا پڙهندڙ نوجوانو جيڪڏهن اسان پنهنجي ڏکيائين مسئلن ۽ پريشانين جو حل ڳولڻ چاهيون ٿا ته اهو به تاريخ جي مطالعي مان حاصل ڪري سگهون ٿا جيڪڏهن اسان غور سان پڙهون ته تاريخ اسان کي ڏاڍهون ڪنڌي چئي رهي آهي ته اسان پنهنجي پراڻي ڪمزور، بيمار، بدبودار ۽ گندي معاشري کي مصنوعي طور تي زنده رکڻ بدران انهيءَ معاشري کي مرڻ ڏيون ۽ اخلاقيات جي بنياد تي هڪ نئون معاشرو قائم ڪريون ته پوءِ اسان انهيءَ معاشري مان تربيت يافتہ، نيڪ ۽ صحتمند نوجوان جو جنم ممڪن بڻائي سگهون ٿا ۽ پوءِ ياد رکو انهيءَ مان اهڙا نوجوان پيدا ٿيندا جيڪي برابري، عدل و انصاف، عزت، آزادي، رواداري، برداشت، قانون جي بالادستي، ميرٽ، عزت ۽ محبت تي يقين رکندا ۽ معاشري جي هر ماهم نور کي احترام جي نگاهه سان ڏسندا پوءِ اهي سڀ مشڪلاتون، پريشانيون، مصيبتون ۽ آفتون جن کي ماڻهو اڄ منهن ڏئي رهيا آهن ختم ٿي وينديون ۽ زندگيءَ جون سڀ خوشيون، سهولتون ۽ لذتون معاشري جي هر فرد ۾ برابريءَ ۽ انصاف سان ورهايون وينديون جنهن جي نتيجي ۾ اسان جي معاشري ۾ هر هنڌ سٺا، صاف سٿراءَ صحتمند ذهن پيدا ٿيندا آئون پنهنجي نوجوان پڙهندڙن جي لاءِ عرض ڪريان ته ياد رکو حوصلو روح مان پيدا ٿيندو آهي انهي ڪري اوهان پنهنجي اندر معاشري جي اصلاح جو جذبو پيدا ڪرڻ سکو، معاشري کي ڪيئن بڻائڻو آهي اِهو سڀ توهان جي هٿن ۾ آهي!

معاشري ۾ اصلاح جو جذبو پيدا ڪريو!



حيدرآباد جي مشهور بمبئي بئڪري جي مالڪ ۽ ننڍي واري سماجي خادم سيٺ ڪمار ڪشنچند ٿڌاڻي جي ورسي ملهائي پئي جنهن کي سندس خدمتن، انسان دوستي ۽ ڪاروباري ڪاميابين سبب اڄ به احترام سان ياد ڪيو وڃي ٿو هو لڳ ڀڳ 1938ع ڌاري حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو سندس والد ڪشنچند ٿڌاڻي 1910ع ۾ بمبئي بئڪري جو بنياد رکيو، جيڪا اڳتي هلي نه رڳو حيدرآباد پر سڄي ملڪ ۾ پنهنجي منفرد ذائقي ۽ اعليٰ معيار سبب هڪ سڃاڻپ بڻجي وئي سيٺ ڪمار پنهنجي ابتدائي تعليم سينٽ بوناوينچر هاءِ اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪئي ۽ پوءِ سنڌ يونيورسٽي مان بايولاجي ۾ بي ايس سي جي ڊگري مڪمل ڪئي تعليم دوران ئي هن ۾ محنت، نميواري ۽ ڪاروباري سمجهه پيدا ٿي جنهن سبب هن پنهنجي والد سان گڏ بئڪري جي ڪاروبار کي نئين انداز سان اڳتي وڌايو هن جديد طريقا اختيار ڪري اهڙا ڪيڪ ۽ بيڪري جون شيون تيار ڪيون، جيڪي نه صرف مقامي سطح تي پر ملڪ جي مختلف شهرن ۾ به پنهنجي ذائقي ۽ معيار سبب مشهور ٿي ويون سيٺ ڪمار رڳو هڪ ڪامياب ڪاروباري شخص ئي نه هو پر هو هڪ رحمدل ۽ انسان دوست سماجي خدمتگار به هو سندس دل هميشه غريبن مسڪينن ۽ بي سهارا ماڻهن لاءِ ڌڙڪندي هئي هو پنهنجي بئڪري جي روزاني آمدني مان باقاعدگيءَ سان ڏهه سيڪڙو حصو ضرورتمندن جي مدد لاءِ مخصوص ڪندو هو هن پنهنجي زندگيءَ ۾ سوين غريب ڇوڪرين جي شادين جو بندوبست ڪيو ۽ ڪيترن ئي مستحق خاندانن کي ماهوار ملي سهائتا فراهم ڪئي جنهن سان انهن جي زندگيءَ ۾ وڏي تبديلي آئي ان کان علاوه هن صحت ۽ تعليم جي شعبي ۾ به اهم خدمتون انجام ڏنيون هن سول اسپتال جي ديوانِ مشتاق وارڊ لاءِ به ضروري طبي سامان فراهم ڪيو، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد لاءِ هن ڪمپيوٽر، قيمتي قالين ۽ جي ايم بي انصاري هال لاءِ به ايئرڪنڊيشنر پڻ عطيا ڪيا ان سان گڏ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي تاريخ تي ڪتاب جي اشاعت لاءِ پنجاهه هزار رپيا به ڏنا، جيڪو سندس علم ۽ ثقافت سان محبت جو ثبوت آهي هو شهر ۾ عوامي فلاح لاءِ پڻ سرگرم رهيو ۽ سبيلن ۽ جانورن لاءِ پاڻي جي ٽانون جي مرمت ۽ سارسنڀال لاءِ مستقل عملي جو بندوبست ڪيو، جيڪي باقاعدگي سان انهن جي سار سنڀال ڪندا رهيا سيٺ ڪمار ڪشنچند ٿڌاڻي 11 جون 2010ع تي وفات ڪئي پر سندس انسان دوست خدمتون ۽ نيڪ نامي اڄ به ماڻهن جي دلين ۾ زنده آهن ۽ هو حيدرآباد جي تاريخ جو هڪ روشن باب بڻيل آهي.

اڄوڪو ڏينهن ---- 13 جُون


محمد عثمان ڏيپلائي

محمد عثمان ڏيپلائي سنڌ جو برک اديب، بيباڪ صحافي ۽ وڏو پبلشر هو. هن 13 جون 1908ع تي ٿر جي مشهور شهر ڏيپلي ۾ حبيب الله ميمڻ جي گهر ۾ اکيون کوليون. ابتدائي تعليم ڏيپلي ۾ ئي حاصل ڪيائين. گجراتي، هندي، عربي، فارسي، اردو ۽ گرمکي خانگي طور پڙهيو. زندگيءَ جا لڳ ڀڳ 25 ورهيه مختلف زميندارن وٽ منشي ٿي گذاريائين لکڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس. سندس لکڻ جي شروعات اردوءَ ۾ لکيل هڪ خط سان ٿي، جيڪو دهليءَ جي اخبار "منادي" ۾ ڇپيو. انهيءَ اخبار ۾ محمد بن قاسم جي باري ۾ هڪ مضمون ڇپيو هو ڏيپلائي صاحب ان مضمون ۾ غلطين جي نشاندهي ڪندي اهو خط اخبار کي لکيو. ننڍي ڄمار ۾ پنهنجي هٿن سان لکيل اخبار "فرحت آثار" ڪڍيائين جيڪا دوستن کي پڙهي ٻڌائيندو هو. اڳتي هلي ميرپورخاص ۾ "اسلاميہ دارالاشاعت" جي نالي سان هڪ پبلشنگ هائوس جو ٻياد رکيائين. 1941ع کان "عبرت" نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيائين. جيڪو اڳتي هلي "هفتيوار" شايع ٿيڻ لڳو اهو هفتيوار رسالو اڳتي هلي "روزاني عبرت اخبار" طور شايع ٿيڻ لڳو اهائي اخبار 1950ع ۾ حيدرآباد جي مشهور قاضي خاندان ڏيپلائي صاحب کان خريد ڪئي ۽ اڄ به "روزاني عبرت اخبار" سنڌ جي مشهور اخبارن ۾ شمار ٿئي ٿي 1952ع ۾ "ماهوار انسانيت" جاري ڪيائين ۽ لطيف پبليڪيشن جو پايو وڌائين آخري عمر ۾ "سنڌ نيوز اخبار" ۽ "ساٿيهہ رسالو" ڪڍندو هو ڏيپلائي صاحب اٽڪل 2 سئو افسانا، 14 ناٽڪ ۽ ڪيترائي ناول لکيا سندس ناول "سانگهڙ" سنڌي ادب جو هڪ ماسٽر پيس آهي هن 150 کان وڌيڪ ڪتاب لکيا ۽ "شوق" تخلص سان شاعري به ڪئي هن ڪوڙن ۽ ٺوڳي مرشدن خلاف بي خوفيءَ سان قلم کنيو شروع ۾ هڪ مذهبي ليکڪ طور اڀريو پر اڳتي هلي هڪ انقلابي ترقي پسند ڪردار طور مشهور ٿيو سچ لکڻ سبب به پيرا جيل به ويٺو ٻيس سنڌي ادب جي هن سرواڻ 07 فيبروري 1981ع تي دم ڏئيءَ حوالي ڪيو.



ماسٽر محمد ابراهيم

اڄ سنڌ جي ماسٽر راڳيءَ مرحوم محمد ابراهيم جي جنم جو ڏينهن آهي. هيءَ عظيم فنڪار تاريخ 13 جون 1920 تي هندستان جي ڪڇ رياست ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو احمد هو موسيقيءَ سان ننڍي هوندي کان ئي شوق هئس اسڪول جي اسيمبليءَ ۾ ترانا ڳائڻ ۽ اسڪول جي تقريبن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ ۾ هميشه اڳڀرو رهيو والد جي وفات کان پوءِ لڏي اچي ڪراچيءَ ۾ ويٺو ۽ هڪ جهاز تي ملازمت ڪرڻ لڳو جڏهن ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ پنهنجي نشريات شروع ڪئي ته ان سان لاڳاپجي ويو اڳتي هلي 1955ع ۾ جڏهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو ٻياد پيو ته اتي موسيقار طور ڪم ڪرڻ لڳو ۽ ان سان گڏوگڏ هزماسٽر وائس ڪمپنيءَ جي سنڌي رڪارڊن جون ڌنون به ٺاهڻ لڳو. محمد ابراهيم راڳ جي ابتدائي تعليم بمبئيءَ ۾ ان وقت جي مشهور راڳيندڙ نارائڻ راٺو وياس ۽ پوءِ احمدآباد ۾ پنڊت گرو لال وياس کان حاصل ڪئي استاد محمد ابراهيم جي سڄي حياتي سنگيت ۽ موسيقيءَ جي خدمت ڪندي گذري، هن سنڌي سنگيت ۾ نواڻ ۽ آواز جي سوز سان تازگي پيدا ڪئي سندس ڳايل واين ۽ ڪافين واقعي لازوال آهن هن شاهه سائينءَ ۽ ٻين



صوفي شاعرن جي ڪلام ۽ پيغام کي عام ماڻهوءَ تائين پهچايو هن پنهنجي رهنمائيءَ ۾ ڪيترائي شاگرد پيدا ڪيا، جن موسيقيءَ جي دنيا ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو انهن مان مرحوم اميربخش، سشيلا مهتاڻي، روبينہ قريشي، عبدالله ڪڇي ۽ عبدالله پنهور خاص ذڪر جي لائق آهن هن عمر مارئي، پرديسي ۽ ڪجهه ٻين سنڌي فلمن ۾ پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو سنڌي موسيقيءَ جو هيءُ انمول هيرو اسان کان 3 مئي 1977ع تي وڇڙي ويو.

نثار بزمي جوڻيجو

هن مشهور شاعر جي جنم جي ڏينهن بابت ڪجهه مونجهارا آهن ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ هن جي جنم جي تاريخ 12 جون 1924ع لکي آهي، جڏهن ته اياز قادريءَ پنهنجي مشهور ڪتاب "سنڌي غزل جي اوسر" ۾ 12 بجاءِ 13 جون لکي آهي پر سال ساڳيو آهي. ٻين ڪيترن ئي ليکڪن ڪٿي 12 جون ته ڪٿي وري 13 جون لکي آهي. هو شڪارپور جي ڳوٺ مرزاپور ۾ ڄائو سندس اصل نالو قلندر بخش ولد محمد حسن خان جوڻيجو هو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪري 1938ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيائين. ساڳئي سال پرائمري استاد مقرر ٿيو 1954ع ۾ ٽيپداريءَ جو امتحان پاس ڪري پرائمري استاد واري نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي ٽيپدار مقرر ٿيو. گڏوگڏ پنهنجو ذاتي ڪاروبار به ڪندو هو. هن ٻارهن ورهين جي ننڍڙي ڄمار کان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. سندس شاعري نه فقط ان وقت جي ادبي رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻي بلڪ سندس ڪيترائي ڪلام مختلف فنڪارن جي آواز ۾ ريڊيو پاڪستان تي رڪارڊ ٿيا. هن سنڌي فلم "البيلي" ۽ "سنڌڙيءَ تان صدقي" جا گيت پڻ لکيا. شاعريءَ سان گڏ مضمون، ڪهاڻيون، افسانا ۽ ڊراما به لکيائين. سندس ڇپيل شاعريءَ جي ڪتابن ۾ "ڏکن آئون ڏڌي"، "سنڌڙي"، "وچن وراڪا"، "عشق نه پڇي ذات"، "تاجدار حرم" ۽ "ٻول نثار بزميءَ جا" شامل آهن هن جي ڊرامن جي مجموعن ۾ "بيدلري" ۽ "غريبن جي آهه" شامل آهن. تاريخ 7 جولاءِ 2000ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو.



بدرالدين زاهدي

سنڌ جي هن نامور سرڪاري آفيسر ۽ انتظامي سربراهه جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1926ع ۾ خيرپور ميرس جي مشهور ڳوٺ اڳڙا ۾ ٿيو هن علي ڳڙهہ مسلم يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ ايم اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون. عملي زندگيءَ جي ابتدا گورنمينٽ ڪاليج (هاڻي يونيورسٽي) حيدرآباد ۾ انگريزيءَ جي ليڪچرار طور ڪيائين. ان بعد ڪمانڊ ڪنٽرولر ملٽري اڪائونٽس، ڪنٽرولر نيول اڪائونٽس ۽ ڪنٽرولر ايئر فورس اڪائونٽس جهڙن اهم عهدن تي رهي ڪم ڪيائين. هو سنڌ سرڪار جي مختلف کاتن جو ڊائريڪٽر پڻ رهيو جن ۾ پروجيڪٽس ڊويزن، پلاننگ ڪميشن، انويسٽمينٽ پروموشن بيورو، صنعت کاتو ۽ ٻيا کاتا شامل آهن. هو رورل ڊولپمينٽ، مواصلات، پاپوليشن پلاننگ ۽ وومين ڊولپمينٽ جهڙن کاتن جو سيڪريٽري ۽ سنڌ جي پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ کاتي جو چيف سيڪريٽري رهيو. ڪجهه عرصو زرعي ترقياتي



بينڪ جو چيئرمين پڻ رهيو. پاڪستان سرڪار سندس خدمتن کي مڃتا ڏيندي کيس "تمغہ قائداعظم" سان نوازيو. بدرالدين زاهديءَ 7 سيپٽمبر 2007ع تي وفات ڪئي.



مختيار انڙ

عبدالحڪيم ارشد

اڄ سنڌ جي مشهور شاعر ۽ استاد عبدالحڪيم ارشد جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 13 جون 1939ع تي ضلعي شهيد بينظيرآباد جي ڳوٺ يار محمد لکمير ۾ پيدا ٿيو. مئٽرڪ، اديب سنڌي ۽ اديب مولويءَ جا امتحان پاس ڪيائين پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات تعليم کاتي ۾ استاد طور ڪيائين ۽ سڄي عمر قوم جي نونهالن کي علم جي زيور سان آراستہ ڪري 1998ع ۾ رٽائر ٿيو. شاعريءَ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس هن شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي. سندس شاعريءَ کي سرمد سنڌي، وحيد علي ۽ سچل سنڌيءَ سميت ڪيترن ئي نامور راڳين سرن جو روپ ڏنو. سندس شاعريءَ جا به مجموعا "ڏيئا ذات جا" ۽ "اڃهي جي گيت جهڙي شاعري" ڇپجي چڪا آهن ان کان علاوه سندس ڪالمن جو ڪتاب "ڏونگر ڏاري ويندس" مرتضيٰ لغاريءَ ترتيب ڏئي ڇپرايو آهي هيءُ پلوڙ شاعر 6 فيبروري 2018ع تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو ڪراچيءَ مان جاري ٿيندڙ "ٿئين آس مٿڱرين" سندس ادبي ڪارنامن کي مڃتا ڏيندي اپريل 2018ع ۾ سندس نالي سان اسپيشل ايڊيشن ڪڍيو.



ڊاڪٽر پرڌان رويچند سوٿهڙ

هن مشهور قلمڪار جو جنم 13 جون 1944ع تي تعلقي ڇاڇري ضلعي ٿرپارڪر جي ڳوٺ مهڪي جي ٿڙ ۾ ٿيو هن گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڇاڇري مان مئٽرڪ جو امتحان ۽ شاهه عبداللطيف ڪاليج ميرپورخاص مان ٻارهين ڪلاس جو امتحان پاس ڪيو اڳتي هلي لياقت ميڊيڪل يونيورسٽيءَ مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪري ڊاڪٽر ٿيو هن عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول ٽيچر طور ڪئي ۽ ان بعد ٽنڊي الهيار ۾ ڪلينڪ کولي مريضن جو علاج ڪرڻ لڳو. ادبي دنيا ۾ هو هڪ ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ نثر نويس طور مشهور آهي. هن جون لکڻيون سنڌ جي ڪيترن ئي اخبارن ۽ رسالن جي زينت ٿيون. سندس ڪتابن ۾ "سون سريکيون ساروڻيون" (آتم ڪٿا) ۽ "جيڪي مون سکيو ۽ لکيو" (خاڪا) شامل آهن. هن 23 مئي 2023ع تي هن جهان مان موڪلايو.



مخدوم سڪندر احمد صديقي قريشي

مخدوم سڪندر احمد صديقيءَ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1960ع ۾ سنڌ جي مشهور شهر پاٽ شريف ۾ ٿيو هن مئٽرڪ جو امتحان علامہ آءِ آءِ قاضي هاءِ اسڪول پاٽ مان پاس ڪيو ۽ اڳتي هلي پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪئي. هن عملي زندگيءَ جي شروعات رائيس ايڪسپورٽ ڪارپوريشن آف پاڪستان ۾ فوڊ انسپيڪٽر طور ڪئي. سندس واسطو پاٽ جي علمي، ادبي ۽ روحاني گهراڻي سان آهي. پاڻ هڪ سٺو شاعر آهي ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي ٻيادي ميمبرن مان هڪ آهي. سندس رهائشگاهه تي عالمن ۽ اديبن جون ڪچهريون منعقد ٿينديون رهن ٿيون.


جلال ڪوري

اڄ نامور ليکڪ ۽ شاعر جلال ڪوريءَ جي سالگرهہ جو ڏينهن آهي هن جو اصل نالو جلال الدين ولد جيئرو ڪوري آهي هو ڳوٺ ٻيبو تعلقي عمرڪوٽ ۾ 13 جون 1961ع ۾ ڄائو مئٽرڪ جو امتحان ٻوري ٺاري هاءِ اسڪول مان پاس ڪيائين اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (سنڌي) ۽ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽيءَ مان ايم ايڊ جي سند حاصل ڪيائين هن اسڪول جي استاد طور قوم جي نونهالن کي علم جهڙي املهہ وٿ سان مالامال ڪيو هن جا ڪيترائي مضمون ۽ مقالا سنڌي اخبارن ۽ رسالن جي زينت ٿيا. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "لاهوتي لڏي ويا"، "ڀڳهه چوڙي پٽ پيا"، "هاڙهي ڏئي هوت"، "ٽيڪ ڏاڏسون ناري ۾" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن



شبانہ علماڻي

اڄ سنڌ جي مشهور شاعره شبانہ علماڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم 13 جون 1988ع تي موري ويجهو ڳوٺ الهداد علماڻيءَ ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو راڄو خان علماڻي آهي هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ڇهون، ستون ۽ اٺون ڪلاس ڏيپارجا مان ۽ مئٽرڪ موري مان پاس ڪيائين انٽر جو امتحان نيو جتوئيءَ مان پاس ڪيائين هن بي اي ۽ ايم اي (اڪنامڪس) جون سندون شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪيون ۽ گڏوگڏ بي ايڊ جي سند به حاصل ڪئي 2000ع کان لکڻ شروع ڪيائين هن گيت، وائي، بيت ۽ غزل سميت شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي هن جي شاعريءَ جا 8 مجموعا "ڏک سک جا پاڇا"، "وفائون اڪيليون"، "آڪاس آ اکين ۾"، "گيت ڳونگا نہ ٿيا"، "منهنجو درد امام"، "ڪرتي ڏمال ۾ آ"، "روشني آهي حسين" ۽ "پنهنجا سڌ سويرا ٿيندا" شايع ٿي چڪا آهن هن جي شاعري هند ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي فنڪارن ڳائي آهي



موهني مهتاڻي

موهني مهتاڻي هندستان جي مشهور سنڌي ڪلاڪاره هئي هن جو جنم 16 جون 1941ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو اڃا ڇهن سالن جي ننڍڙي ٻارڙي هئي جو ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ۽ هوءَ پنهنجي مائٽن سان گڏ سنڌ ڇڏي ممبئيءَ پهچي وئي. هن کي ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ جو شوق هو ۽ اسڪول جي تقريبن ۾ شوق سان ڳائيندي هئي. ڳائڻ ۾ سندس گهرواري مسٽر گلاب راءِ ٿانورداس مهتاڻي به هن جي همت افزائي ڪئي. هن آل انڊيا ريڊيو تي به پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو هن جا ڳايل لاڏا، ڀڄن، مذهبي گيت ۽ صوفي ڪلام تمام گهڻو مشهور ٿيا. هن هندستان ۾ ڳائڻ سان گڏ سنگاپور، ملائيشيا، جڪارتا، ٿائيلينڊ، پينانگ ۽ باليءَ ۾ به سر وکيريا. تاريخ 13 جون 2011ع تي سندس ساهہ جي ڏور ٽٽي پئي.

